


اوندھ جو موت
امجد دراني

# اونده جو موت

(شعري مجموعو)

امجد دراني

سهيڙيندڙ

منظور اڇڙ

رابطا سيڪريٽري

سنڌي ادبي سنگت سنڌ ضلعو خيرپور ميرس.

كتاب جو نالو: اوندهہ جو موت

(شعري مجموعو)

ليکڪ: امجد دراني

تعداد: هڪ هزار

ڇاپو: پهريون نومبر 2001ع

ڇپائيندڙ: سنڌي ادبي سنگت سنڌ ضلع خيرپور.

ڇپيندڙ: شناخت پريس، 40 ايبٽ روڊ، لاهور.

ٽائيٽل تصوير: رياض احمد ڌنور

ٽائيٽل ڊزائن: سيد فدا ساگر گيلاني

ڪمپوزنگ: ڊجيٽل گرافڪس ڪراچي.

اي ميل: digital_fida@yahoo.com

فون: 2212714 (021)

ملهہ: -/80 روپيا.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

**ارپنا**

مان هي ڪتاب پنهنجي

والد آغا مظهر علي درانيءَ کي ارپيان ٿو.

جنهن اصول پرستيءَ سان زندگي گذارڻ جو درس ڏنو

مان هي ڪتاب پنهنجي امڙي رشيده بيبي کي ارپيا ٿو.

جنهن ماءُ جهڙي ممتا جهڙو پيار ڪرڻ سيڪاريو.

مان هي ڪتاب پنهنجي ڏاڏي کي ارپيان ٿو.

جنهن هر قدم تي مون کي دعائون ڏنيون.

مان هي ڪتاب پنهنجي وڏي ڀاءُ لالہ نواز علي عرف واجد دراني کي ارپيان ٿو. جنهن پيءُ کان پوءِ مون کي سنڀاليو.

مان هي ڪتاب پنهنجي ونيءَ انيلا دراني جي نانءُ ڪيان ٿو جنهن مون جهڙي وکريل انسان کي سميٽيو.

مان هي ڪتاب پنهنجي شاعريءَ جي هينئين سٽ جي نانءُ ڪيان ٿو جنهن ۾ منهنجي زندگيءَ جا سمورا راز ۽ حقيقي پيار سمائيل آهي جيڪا سٽ منهنجي محبوب آهي. جنهن لاءِ مون جنم ورتو هو ۽ جنهن جي ڪري ئي مون کي ياد ڪيو ويندو.

**"سوچ اسان جي دهرائيندو"**

## سٽاءُ


| | |
|---|---|
| ● ٻه اکر | 5 |
| ● پنهنجي پاران | 6 |
| ● مهاڳ | 8 |
| □ غزل | 11 |
| □ نظم | 75 |
| □ گيت | 102 |
| □ چئوستا | 105 |
| □ آزاد خيال | 121 |
| □ وائي | 139 |

**ٻہ اکر**

امجد درانيءَ جو سنڌي ادب ۽ سنڌي شاعريءَ ۾ ڪو نئون نالو ڪونهي سنڌس ادبي ڳنڍجاڻين ۽ مشاعرن ۾ شاعري ٻڌڻ جو موقعو مليو ان ڪان علاوه سنڌ جي نالي واري راڳي شفيع فقير جڏهن سندس شاعريءَ کي سرن جو روپ ڏنو تہ مون ڏٺو تہ امجد جي شاعري ٻڌندڙن جي دلين تي خوبصورت اثر ڇڏيا. سنڌي غزل جي خوبصورت راڳي عاشق نظاماڻي، موسيقار ۽ راڳي استاد عبدالغفور سومرو ۽ نوجوان راڳي ظفر علي شينو جهڙن مجيل فنڪارن سندس شاعري ڳائي عوام ۾ مڃتا ماڻي آهي.

امجد درانيءَ جي شاعري سنڌ جي سمورن معروف سنڌي رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپبي رهي آهي. نوجوان شاعر ڊاڪٽر مشتاق ڦل جي شعري مجموعي "هوءَ مان ۽ ڄامشورو" ڇپائڻ ڪان پوءِ امجد دراني جي شعري مجموعي "اوندهہ جو موت" کي سنڌي ادبي سنگت ضلع خيرپور طرفان ڇپرائي رهيو آهيان.

امجد درانيءَ جو هي پهريون شعري مجموعو آهي جنهن سان سنڌي ادب ۾ هڪ بهترين ڪتاب جو اضافو ٿيو آهي. مون کي اميد آهي تہ سنڌ ۽ سنڌي ٻولي سان پيار ڪندڙ هن ڪتاب جي دل سان آجيان ڪندا. "اوندهہ جي موت" ڪان پوءِ سنڌ جي ناليواري شاعر نظر لاڪائيءَ جو شعري مجموعو "وڪريل وجود" پڻ جلدئي سنڌي ادبي سنگت ضلع خيرپور طرفان ڇپرائي پڌرو ڪيو ويندو.

**منظور اڄڻ**
رابطا سيڪريٽري
سنڌي ادبي سنگت سنڌ ضلع خيرپور.

راڄہ هائوس، ڪنب ضلع خيرپور.
فون: (0792) 620167-620137

**پنهنجي پاران:**

مون ڪيترين ئي راتين جاڳي تخليقي پورهيو ڪيو آهي. مون کي جيڪڏهن خدا جي طرفان لکڻ جي صلاحيت يا ڏات مليل نه هجي ها ته مان شايد هن وقت تائين جيئرو نه هجان ها. مون دنيا جي رونقن کي ڇڏي ان لاءِ ئي تنهائين کي ترجيح ڏني ته جيئن انسانن ۽ پنهنجن کان مليل ذهني اذيت کي برداشت ڪرڻ جي پاڻ ۾ قوت پيدا ڪري سگهان ۽ اهڙيءَ طرح ڪيترين ئي راتين تنهائين ۾ روئي ڪاٽيون جن منهنجي اندر جي اوپر ڪيي ۽ منهنجي ذهن ۽ دل جي پليٽ تي اڪريل دوستن جي منافقتن کي ڌوئي صاف ڪيون ۽ مون ۾ هڪ نئين سگهه پيدا ڪنديون رهيون انهن تنهائين جي راتين مون ۾ پڙهڻ ۽ فڪر ڪرڻ جي عادت وڌي ۽ مان ڪيتري پڙهائي فڪر اوجاڳن ۽ ڳوڙهن کان پوءِ شاعري ڪرڻ شروع ڪئي استاد اميد خيرپوريءَ جي اصلاح ۽ وڏي ڀاءُ لالهه نواز علي خان عرف واجد دراني‍ءَ جو بابا جي وفات کان پوءِ پيار نه ملي ها ته شايد اڄ مان هن حالت ۾ نه هجان ها. مان مڃان ٿو ته مون ۾ عيب اپار آهن تي سگهي ٿو ته منهنجي شاعريءَ جو مجموعو ڪو سنڌي ادب ۾ وڏو واڌارو نه آڻي سگهي. جڏهن پاڻ بابت سوچيندو آهيان ته اهوئي چوندو آهيان ته منهنجي هن معاشري کي ڪا به ضرورت نه آهي مان اڪيلو آيو هيس ۽ اڪيلو ئي هليو ويندس. سچ پچ ته ”ڪوڊيڪ“ وانگر پاڻ کي ماري ڇڏڻ جو پوت هر گهڙي ستائيندو رهندو آهي. پر سوچيندو آهيان ته ان موت جو ڪهڙو مزو جو هڪ دفعو اچي، مزو تڏهن آهي جو ماڻهو هر لمحي موت جيتري اذيت برداشت ڪري ۽ پوءِ به جيئرو هجي. مان پنهنجي ونيءَ (انيلا دراني) کي ڪجهه نه ڏئي سگهيو آهيان. اهو احسا منهنجي ذهن ۾ ٽانڊي وانگر دکندو رهندو آهي.

مون ۾ مصيبتن سان مقابلي ڪرڻ جي قوت منهنجي پياري دوست رياض احمد شيخ پيدا ڪئي جنهن پنهنجي مصروف زندگيءَ جا ڪيترائي ڪلاڪ مون کي ارم هوٽل خيرپور جي ڪنڊ ۾ رکيل ٽيبل تي ڏنا. جنهن جي حيدرآباد لڏي وڃڻ کان پوءِ پنهنجي وجود کي تنها ۽ ڪوڪلو پائيندو آهيان.

ڪا شخصيت اهڙي به هوندي آهي جيڪا ڪير ۾ ڪنڊ وانگر جسم جي رت ۾ شامل ٿي ويندي آهي ۽ پوءِ ان جو وڇوڙو ڏڌ جي ماڻيءَ ۾

پيل مانڊاڻيءَ وانگر پوري جسم کي ولوڙيندو رهندو آهي جنهن ڪري سڪون ياڦ ٻڌجي جسم مان اڏامي ويندو آهي ۽ ننڍيون ڪنهن ٿاهر ڪاڏل پکيءَ وانگر ٿاهر ڪائي اکين مان اچانڪ پڙڪو ڪائي اڏامي وينديون آهن ۽ اندر جي پرندڙ جبل جو لاٽو اکين مان ڦاٽ ڪائي ڳوڙهن جي صورت ۾ ٻاهر نڪري ايندو آهي. مان جڏهن حد کان وڌيڪ پريشان هوندو آهيان تڏهن ئي گهٽو لکي سگهندو آهيان. اهو ئي سبب آهي جو مان پڙهندڙن کي اها گذارش ٿو ڪريان تہ مان جيڪا بہ شاعري ڪئي آهي. سا شاعر ٻڌجي نہ ڪئي آهي مان تہ شاعري، شاعريءَ جي مزاج کان هٽي ڪئي آهي. جنهن ۾ ڪوڙ ساريون غلطيون هونديون جن بابت اميد آهي تہ توهان مون کي ضرور آگاهہ ڪندا. زندگيءَ جا اهڙا ڪيترائي واقعا آهن جن کي مان هنن مختصر پنن تي نہ ٿو اڪاري سگهان لوهہ جي پليٽ تي لڳل هٿوڙي جو آواز سڀ کي ٻڌڻ ۾ ايندو آهي پر پنهنجي ڪنهن پياري جي نفرت ڀريل نگاهن جو آواز ڪو بہ نہ ٻڌي سگهندو آهي جيڪو ذهن ۾ هڪ لمحي دوران ڪيترائي هٿوڙا وسائي ڇڏيندو آهي. پيار ڀريون نگاهون جڏهن نفرت ۾ تبديل ٿي وڃن ٿيون تہ هوا جي انهن لهرن جو ڪو بہ ماڻهو آواز نہ ٿو ٻڌي جنهن کي اهي نگاهون چيرينديون گوليءَ کان وڌيڪ ڪنهن ماڻهوءَ جي اندر جي وجود کي چيري ڇڏين ٿيون. جنهن کان پوءِ ڪو بہ ماڻهو پنهنجو وجود برقرار نہ ٿو رکي سگهي. اهڙي اڌ ڪنل انسان جهڙي منهنجي زندگي آهي تہ ڪلي ٿو سگهان ۽ نہ ئي روئي ٿو سگهان اسان بہ رهياسين اڌورا اڌورا.

مان ٿورائتو آهيان سنڌي ادبي سنگت سنڌ ضلع خيرپور جي رابطا سيڪريٽري منظور اڇڻ جو جنهن منهنجو ڪتاب ڇپرائي توهان جي هٿن تائين آندو.

مان ٿورائتو آهيان تاجل بيوس، سيد شاڪر علي شاهہ ۽ رياض احمد ڏنور جو جن منهنجي ڪتاب کي مهاڳ، تعارف ۽ ٽائيٽل ڏنو.

درانی هائوس،
محلہ بچل شاهہ خيرپور.
فون: 554381 (0792)

امجد دراني
25 آڪٽوبر 2001ع

"تاجل بيوس"

## پوپٽ جي پرن ۽ گلاب جي مکڙين جهڙا نظم ۽ چئوسٽا لکندڙ شاعر امجد دراني

ادب جي مطالعي سان خبر ٿي پوي ٿي تہ وقت گذرڻ سان ادب جي قدرن ويلئوز سان گڏ، ادب جي وصف (Defination) بہ بدلبي رهي آهي. ڪن پارکن ادب کي آرٽ جئي، "ادب جو ادب لاءِ هجڻ" (Art for Art's Sake) تي زور ڏنو، تہ ڪن "ادب جو زندگيءَ لاءِ هجڻ" (Art for Life's Sake) وارو نظريو پيش ڪيو. ٻئي طرف کان درباري، جاگيرداري ۽ اميري ماحول ۾ نپجندڙ نقادن ادب کي ونڊر ۽ عياشيءَ جو وسيلو چيو.

اڄوڪو زمانو ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي، انٽرنيٽ ۽ اي ميل وارو زمانو آهي. يورپ وارا خلا (Space) ۾ پنهنجا گهر بک ڪرائڻ ۾ رڌل آهن. سوال ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا سائنس ترقيءَ جي اهڙيءَ فضا ۾ اسان سنڌ وارن کي اڃان بہ هر جي ڦار يا گهوٻي لاءِ ادب تخليق ڪرڻ گهرجي، يا ادب جي تشريح ۽ تخليق عالمي سطح تي سائنسي ايجادن جي قدرن ۾ تلاشڻ گهرجي؟ اسان جو پويون رايو درست بيهندو.

مان پنهنجي تجربي، مطالعي ۽ مشاهدي جي حوالي سان اڄوڪي زماني ۾ ادب لاءِ ٻہ رايا قائم ڪري سگهان ٿو، جي آهين:

(1) ادب جو سماجي ۽ فني تبديليءَ يا انقلاب لاءِ هجڻ.

(2) ادب جو سماجي ڪارج (Social Utility) لاءِ وقف هجڻ اهو ادب جنهن ۾ سماجي ڪارج ٻڙي هجي، تہ اهڙو ادب انساني بستين يا ماڳن مڪانن لاءِ نہ، پر ڪنهن خلائي يا آسماني مخلوق لاءِ هجي ٿو.

هن وقت منهنجي اڳيان اسان جي نوجوان شاعر امجد دراني جي شاعريءَ جو نوٽ بوڪ "اوندهہ جو موت" آهي، جنهن ۾ غزل، نظم، چئوسٽا ۽ آزاد خيال صنفون ڇاٿايل آهن، جن مان آزاد خيال صنف منجهائيندڙ آهي.

"آزاد خيال" صنف جي دائري ۾ پابند نظم، غزل نما بيت، آزاد نظم ۽ نثري نظم ڇاٿايا ويا آهن، جو ٺيڪ ناهي ۽ ڇاڪاڻ تہ هڪ صنف، هڪ ئي ادبي وکر هوندو آهي.

امجد درانيءَ جي شاعريءَ جو گهڻو حصو مزاحمتي شاعريءَ جو آهي، جا هڪ وقتائتي حقيقت بہ آهي، ڇاڪاڻ تہ سنڌ ۾ ڦنڊارين جي ڦر لٽ جو سلسلو اڃان جاري آهي ۽ سنڌ کي معاشي طور غلام بڻائڻ وارو پنجاپي حربو (ڪالاباغ ڊيم) بہ اڃان ورجايو ٿو وڃي. اڄو تہ امجد دراني جي شاعريءَ مان مزاحمتي شاعريءَ جا عڪس ۽ اولڙا ڇاچئون.

☆☆☆☆

وسامي ڏيئو ويو هوائن کان اڳ ۾،
چمن آ سڙي ويو خزائن کان اڳ ۾.
عجب هي زماني جو دستور آهي!
سزائون ملن ٿيون خطائن کان اڳ ۾.

☆☆☆☆

شرافت سان ڳنڍوڳنڍ توري ارڏائي ضروري آ،
مُلن، پيرن،وڏيرن کاڻ ڪاسائي ضروري آ،
سنڌوءَ جي سورمن ۽ سورمين جي ڪارنامن ڪي،
خيالن ۾ سمائڻ لاءِ پاڪائي ضرور آ.

☆☆☆☆

سنڌ تي ترخانن جي حڪمرانيءَ کان پوءِ، جڏهن مغلن گورنر مقرر ڪري، سنڌ تي حڪومت ڪئي هئي، تڏهن هُنن سنڌين کان زمينون کسي، قنڌار ۽ ايران کان آيل ملن ۽ پيرن کي ڏنيون هيون. ورهاڱي کان پوءِ پنجاب وارن کي جڏهن بہ اقتدار هٿ لڳو آهي، تہ انهن بہ مغلن واري پاليسيءَ تي عمل ڪندي، سنڌ جون ڪجهہ زمينون پنجاب جي رٽائر ٿيل سرڪاري اهلڪارن کي پٽي ڏنيون آهن، تہ ڪجهہ زمين هتان جي بي زمين ماڻهن ۾ ليگي اڳواڻن جي سفارش تي ورهائي، دشمنيءَ جو ٻج پٽي ڇٽيو آهي. اهڙيءَ ڦر لٽ ۽ استحصال لاءِ امجد جون هيٺيون سٽون سون تي سهاڳ مثل آهن:

بزدل ڪائر ۽ بي غيرت،
سنڌ جي ملڪيت ميڙي ويئو،
منهنجي قوم جي جذبن سان هو،
راند صدين کان ڪيڏي ويئو.

☆☆☆☆

غزل واري گهاڙيٽي جا مٿاهن قدرن وارا بند بہ پڙهون ٿا:

سچ ۾ اڪ اڙائين ڇو ٿو؟
پنهنجو پاڻ جلائين ڇو ٿو؟
پٿر هرگز ترندو ناهي،
پاڻيءَ ۾ اڇلائين ح ِو ٿو؟

☆☆☆☆

صحرا ۾ تي گلشن ڳولي،
دل هيءَ ڪيڏي پاڳل آهي،
سنڌڙي! تنهنجو هر هڪ ماڻهو،
مگرو، سوسن، سنبل آهي.

☆☆☆☆

پاڻي ٻوڙي، باهہ جلائي،
ماڻهو ڪاڏي وڪ وڌائي،
ويهي دريا پرتي امجد،
واڳن سان تو وير وڌائي.

☆☆☆☆

رهي ٻاٽ اونڌهہ ستارن جي هوندي،
خزان تي ستائي بهارن جي هوندي،
ڇڏي سير ڪي ڪين پهچي سگهي آ،
مقدر جي ٻيڙي ڪنارن جي هوندي.

امجد درانيءَ جو مزاج ۽ فطري لاڙو نثري نظم ۽ آزاد نظم سان وڌيڪ نهڪي ٿو. ٻئي نمبر تي چئوسٽن سان. اجان بہ ائين چئجي تہ امجد جيڪڏهن غير پابند شاعريءَ تي نور نچوئي، تہ هو اسان کي اجان بہ وڌيڪ معياري شعر ڏيئي سگهي ٿو. هيڏانهن اچو، هي پڙهو:

☆☆☆☆

پر!!
انهيءَ بيهوشيءَ کان
اڳ،
اي
سانوري،
مان
توتي هڪ،
ڊگهو نظم
لکڻ ٿو چاهيان،
جنهن جي شروعات
سمنڊ جي
تري کان
۽
پڇاڙي هماليہ
جي چوٽين
کان بہ
مٿي کيان!!!

"سياست جو ڪيڏارو" نظم ۾ مون کي عبدالڪريم گدائي جي تخليقي ذات ۽ ڏانو توڙي سندس موضوعي ارڏائپ ۽ سرڪشين وارا عڪس ۽ اولڙا محسوس ٿين ٿا. ڪجهہ سٽون ڏجن ٿيون:

لڳي ٿو اليڪشن قريب آئي آهي،
حياتي سڪل تي وٺي سائي آهي.

☆☆☆☆

اليڪشن! تون سالن ۾ چو ٿي اچين پئي،
وڏي وقت کان پيٽ خالي پرين پئي.

☆☆☆☆

گهران مان ٿو نڪران کڻي پين ڪاغذ،
حياتيءَ ۾ مون کي وٺي پين ڪاغذ.

امجد درانيءَ جو هي پهريون شعري مجموعو آهي هن نوجوان ۾ اها اميد آهي تہ هي اجان سنڌي قوم کي پنهنجا خوبصورت گيت ڏئي پنهنجي جدا ادبي حيثيت مجرائيندو.

" غـــــزل "



دانھن ٻڌي مون پل پل آھي،
ذرتي تي پئي مقتل آھي.

ڪاريون راتيون گگھہ انڌيرا،
ھر ھڪ وک تي دلدل آھي.

صحرا ۾ تي گلشن ڳولھي،
دل ھيءَ ڪيڏي پاڳل آھي،.

سوچ سموري نفرت جي چو،
وڻ ويڙھيءَ ۾ قاتل آھي.

سنڌڙي تنھنجو ھر ھڪ ماڻھو،
مگرو، سوسن، سنبل آھي.

هوائن ۾ ڏيئو جلائي سگهان ٿو،
مقدر مان پنهنجو ٻنائي سگهان ٿو.

اگنِ پنهنجا هر دم سجائي سگهان ٿو،
انڌيرن کي يارو مٽائي سگهان ٿو.

سهي درد سرتي سوين گهاوَ کائي،
زمانا وري مسڪرائي سگهان ٿو.

خوشامد جي آڏو جهڪيو آ نہ جهڪندو،
اصولن جي لئہ سر وڍائي سگهان ٿو.

خدا جي گهري ڪا وڏي ڳالهہ ناهي،
زمين آسمان کي ملائي سگهان ٿو.

خزان جي پٽي پاڙ پنهنجي هٿن سان،
مان صحرا کي گلشن بنائي سگهان ٿو.

رهان چپ ٿو پنهنجي رضا آهہ ورنہ،
پهاڙن کي امجد جهڪائي سگهان ٿو.

پاڻي ٻوڙي باھہ جلائي،
ماڻھو ڪاڏي وڪ وڌائي.

ڪانڌيرن جي ھن نگريءَ ۾،
ڪيسين ڪوئي پاڻ بچائي.

قرب جو ھر ڪو پياسو ھتڙي،
ڪير انھن جي اُڃ اُجھائي؟

ھر ڇھري تي رت جا ليڪا،
ڏاڍ چڙيا ھن وڻ وڃائي.

اھڙو دئور خزان جو آيو،
ھر وڻ مان ويو ساھہ چڙائي.

اوکي وقت وڪوڙيو اھڙو،
پنھنجا ئي ويا پير ھٽائي؛

ويھي دريا پر تي امجد،
واڳن سان تو وير وڌائي.

ڪجهہ درد لڪائي وينو آن،
ڪجهہ سور سهائي وينو آن.
مانُ وينُو آن مان وينو آن،
هر چيز ڀلائي وينو آن.
هن مست نگاهن جي آڏو،
دل جان ڦرائي وينو آن.
اڄ يار سگهو قتلام ڪرڻ،
مان سيس نوائي وينو آن.
ڪوتن جي قيدڙ جي لئہ مان،
سڪ سيج سجائي وينو آن.
سور سمورا سنڌڙي تنهنجا،
گيتن ۾ ڳائي وينو آن.
سينو ظالم سامهون توڙي،
گهر ٻار لٽائي وينو ان.
جنگ سنڌوءَ جي وڙهندي مرندس،
هڪ آس لڳائي وينو آن.
سڏڪي سڏڪي امجد آخر،
ڏس لوڪ ڪلائي وينو آن.

سچ کي سڙندي ڏٺم هر دور ۾،
ڪوڙ کي ڪڏندي ڏٺم هر دور ۾.
غربتن جي سوچ مان جيڪي ڦٽا،
خواب سي ٽٽندي ڏٺم هر دور ۾.
عصمتن ۽ غيرتن جا صبح مسا،
قافلا لٽيندي ڏٺم هر دور ۾.
مفلس ۽ مايوس چهرن جي مٿان،
لوڪ کي کلندي ڏٺم هر دور ۾.
سونهن جي ويرين نظر تارن کي هنئي،
اُيَ مان ڪرندي ڏٺم هر دور ۾.
سنڌ جي جنهن ڪک جو سودو نہ ڪيو،
ڀور جان ڪسندي ڏٺم هر دور ۾.
پيار جي هر سوچ تي پهرا لڳا،
روح کي لڇندي ڏٺم هر دور ۾.
ظلم ٿيو خاموش ٿي اڌ رات جو،
نيگري روئندي ڏٺم هر دور ۾.
سچ چيو جن حوصلن همت ڪري،
دار تي نچندي ڏٺم هر دور ۾.
نفس امجد ازل کان ياري رهيو،
ذات کي رسندي ڏٺم هر دور ۾.

مون کي پنهنجي پا پن اڪيلو ڪيو آ،
۽ چڙ واڳ جذبن اڪيلو ڪيو آ.

پريل مت وڪاميل يا ڪم ظرف ماڻهن،
چوان ڪنهن کي ڪرمن اڪيلو ڪيو آ.

اڙانگي سفر ۾ چڏيو سات سائي،
پيو غربت جي نانگن اڪيلو ڪيو آ.

رسيو روح مون کان رنمر راتيون ڪيئي،
وڇوڙي جي صدمن اڪيلو ڪيو آ.

اچانڪ خيالن سڏيو توکي هوريان،
ڦٽي نند نيڻن اڪيلو ڪيو آ.

ڪي مغرور سوچون محل هڪ اڏي ويون،
صدين کان سوجهو پن اڪيلو ڪيو آ.

وڪامي پوان. ها وڏو مانُ تي ها،
سچن سخت لحجن اڪيلو ڪيو آ.

بني صبر جيءَ ۾ ٿو پچندو رهان،
چوان سچ تہ ڦاهي تو چاڙهيو وڃان.
ڪريل پن پيلو بهاريل مٿي،
رهان معاشرا آب هاريل جيئان.
دليلن ۾ سوچن جا درياءَ سپ،
ڪرن مون ۾ پو پي ٿڏيو ٿو وڃان.
مان ڪارانيل مهر تو ڪان سوا،
ٽٽل اپ جو چڻ ڪوتارو هجان.
مان ڏيڏر نہ آهيان جو ٻئي هنڌ وڃان،
ڪنول آب جي مان سڪڻ سان سڪان.
بلا شڪ اچي ڪوئي سَچ ڪي ڇُهي،
مگر ناهہ ممڪن وڪامي پوان.
پراون ۾ پنهنجن جي آڏو عجب،
صدين ڪان موهن جو دڙو ٿو لڳان.
غريبن جي آٿت ۾ آڌار ٿيان،
ٿرن جي مٿان ٿي مان بارش وسان.
مان ظالم جو تڙ گهٽ نهوڙي وڃهان،
رتو چاڻ چهرن بڪن تي لڪان.
ڪبي لوپ آهي سچي آ ضمير،
وڃان يار امجد مان ڪاڏي وڃان.

جي تنهنجن فريبن کان واقف هجان ها،
ڪڏهن ٻيي نہ توسان محبت ڪيان ها.
ٿڪايل اکين کي پو آرام ڏيان ها،
جي منزل جون واٽون نہ ڀلجي وڃان ها.
ڪنڊن وانگي چڀندي خبر جي هجي ها،
تہ اهڙي مان شهرت ڏڪاري ڇڏيان ها.
وڇون ٻڌجي منهنجو هو سنڌ سنڌ ڏنگينديون،
گهڙيون تو سان گهاريل نہ سانڍي رکان ها.
ذرو درد جهوڙي نپوڙي ڇڏي ٿو،
خوشين جي نہ سائي ۾ پلندو رهان ها.
جتي ڪونج ڪوڙي اچي پير پنهنجا،
مان اهڙي تہ وڻ جي ڪا ٽاري هجان ها.
خبر جي هجي ها ڀري هيٺ ڪرنديون،
صديون تنهنجي عظمت جي پوجا نہ ڪيان ها.
اي امجد تون ماڳن تي پهچي ڏسين ها،
اشاري سان طوفان روڪي ڇڏيان ها.

زندگي جي واسطي،
۽ خوشيءَ جي واسطي.
ڪجھ وڪامي ٿا پون،
بي بسيءَ جي واسطي.
سونهن سڏڪا پئي ڏنا،
دلبريءَ جي وسطي.
خيال تو ڪي ٿو سڏيان،
شاعريءَ جي واسطي.
ٿون هلي آ اي خوشي،
زندگيءَ جي واسطي.
مون تہ بخشيا سڀ گناھ،
دوستيءَ جي واسطي.
گيت ڳايا ٿا وڃن،
سورميءَ جي واسطي.
پاپ چاڙهي ٿا ڪيون،
هڪ خوشيءَ جي واسطي.
مون تہ پوڄا ٿي ڪئي،
هر گهڙيءَ جي واسطي.
سڪ منجهان شايد سڏيو،
دل لڳيءَ جي وسطي.

رنگ رچايا ٿا وڄن،
ٻارڙيءَ جي واسطي.
انقلابن جو اچڻ،
بهتريءَ جي واسطي.
گهپ انڌيرن پئي سڏيو،
روشنيءَ جي واسطي.
پيار امجد تو ڪري،
ڪو ٽڳيءَ جي واسطي.

انڌيرن جي دلدل ۾ ڪاهي پيو آ،
ندورو هي انسان ڪاڏي وڌيو آ.
هو قومن جي تاريخ مذهب ثقافت،
چو حيوا بڻجي لتاڙي رهيو آ.
مان انصاف توکي سڏيندو رهيو آ،
ڪروڙون هي بي ڏوهہ ڦاهي چڙهيو آ.
بکايل ۽ پيرين اگهاڙي جي دانهن،
خدائي ڪي چڻ ڪنهن رئاري چڏيو آ.
تون ٻوڙڻ جي.ان کي ٿو ڪوشش ڪرين جو،
وڏين مشڪلن سان ڪناري لڳو آ.
ڏسي سونهن پويت گلابن ۽ پونئرن،
پيو ڪسڪڻ شروع چنڊ تاري ڪيو آ.
جوانيءَ ۾ موهن دڙو ٿي ويو آ،
ڪراچيءَ ۾ ڪونڊر ڪهائي وريو آ.
پٽي گل ٿوهر لڳايا ها پنهنجن،
۽ پنهنجن ئي گهرڙو ٻهاري ڇڏيو آ.

هر کا محفل مياٺي هجي،
جڻ ادب جي پچاٺي هجي.
بس صدارت کندي دوستي،
بل هو راٺن ۾ ڪاٺي هجي.
رت جو چنڪار رودن تي ڪاش،
هيءَ حقيقت کهاٺي هجي.
حسريون منهنجون رهجي ويون،
جوت منهنجي اجهاٺي هجي.
سوپي ماٺيندي آخر کريو،
کاوشن تي کو پاٺي هجي.
کجهہ تہ چئو روح بيدار ٿئي،
ڳالهہ پل کا پراٺي هجي.
تنهنجو هي قيد خانو لڳو،
جڻ مان منزل کاماٺي هجي.
باق بڻجي تہ انسانيت،
شهر مان اڄ اڏاٺي هجي.

پيغام پريل واءُ اچڻ ڏي،
ڪا چيخ ٻڌان ٿو مان ٻڌڻ ڏي.
هي پوش شرافت جا لهن ٿا،
هڪ رات جي منظر کي ڏسڻ ڏي.
انسان جي تقدير مٿائي،
اهڙو تون هينئر نظم لکڻ ڏي.
معصوم لٽيا ڏينهن ڏني جو،
اڄرج ۾ رهان ٿو مان رهڻ ڏي.
نفرت جون رڙيون بند ڪري ڇڏ،
ڪوئيل جي مٺي ڪوڪ ٻڌڻ ڏي.
ڪو روح ڇڏي جند اڏاميو،
آزاد فضائن ۾ ڏسڻ ڏي.
ڪٿ ڏان لکڻ جو آ لکان ٿو،
حالات لکائن ٿا لکڻ ڏي.
سنڌڙيءَ سان ٿيو عشق انڌو آ،
نقصان پوي ٿو ته پوڻ ڏي.
ضد وقت ڇڏي ڏي ۽ رکي پئو،
پنهنجي جي رهيا تن کي پڄڻ ڏي.
پاڇن ۾ لڪيل راز آ امجد،
پاڇن جي پنيان مون کي ڊڪڻ ڏي.

همدرد ڪڏهن ڪين ڪتي دوست مليو آ،
توڙي جو ڳلي ڳوٺ سڄو شهر گهميو آ.
بي درد زماني کان گهڻو درد مليو آ،
اکڙين مان جڏهن آب ڪتو خون وهيو آ.
اهڙي ڪاهوا آهہ گهلي پنهنجي چمن ۾،
ڪائي نہ ڪلي ۽ نہ ڪوئي گل ئي ڪليو آ.
فرقت جي تپش اهڙي طرح آهہ جلايو،
چڻ باهہ جي آڙاهہ ۾ ڪو لوح جليو آ.
واجب نہ ائين آهہ ڪري ياد وسارڻ،
دل کي تہ اهو فڪر سڄڻ ڳاري رهيو آ.
جي ساهہ پنيان پيي تہ پنيان ڪنهن جي سهاري،
سايو نہ سڄيءَ راهہ ۾ ڪومون کي مليو آ.
ديوار درن کي ٿو چڏيان حال ٻڌائي،
امجد نہ ڪڏهن پين سان وجي سور سليو آ.

پي زهر پريو جام خطا ڪجهہ تہ ڪري ڏس،
الفت جي اها رسم ادا ڪجهہ تہ ڪري ڏس.
سائل جي سدائن تي عطا ڪجهہ تہ ڪري ڏس،
بيمار محبت جي دوا ڪجهہ تہ ڪري ڏس.
هن قهر جي ڪارڻ ڪيو آهي انڌيرو،
پنهنجي ئي قدم ساڻ ضيا ڪجهہ تہ ڪري ڏس.
افسوس بهارن کي خزائن آ ڏکايو،
حالات مٿان پاڻ فدا ڪجهہ تہ ڪري ڏس.
بيچين بشر کي نہ ملي چين سگهيو آ،
مجبور بشر لاءِ ڀلا ڪجهہ تہ ڪري ڏس.
هيءَ سنڌ رهي شاد دعا آهي اها ئي،
امجد جي صدا سان تون صدا ڪجهہ تہ ڪري ڏس.

مون کئي توسان وفا ايذي نہ کر بيواجبي،
ٿو رهين جاني جدا ايذي نہ کر بيواجبي.
تو ڏنو ڇو زخم آ ايذي نہ کر بيواجبي،
تو کئي مون سان دغا ايذي نہ کر بيواجبي.
سونهن پنهنجيءَ تي ڀلا ڇو ناز نخرا ٿو ڪرين،
جنهن ۾ ناهي ڪا بقا ايذي نہ کر بيواجبي.
تون سهارو آن جيئڻ جو تون خزانو پيار جو،
اڄ ملي وڃ تو منا ايذي نہ کر بيواجبي.
تون بهارن جي هوا تون قرارن جي گهڙي،
تون جگر جي آن دوا ايذي نہ کر بيواجبي.
تون پکي ٻڌجي اڏامي اڄ ڏکايل ڏيهہ ڏي،
قرب ڪرمون تي منا ايذي نہ کر بيواجبي.

حسنين جي نظرن سان قتلام ٿي پيس،
زماني ۾ حسرت جو هم نام ٿي پيس.
گهٽو ئي لکايم محبت کي ليکن،
سڄي شهر ۾ نيٺ بدنام ٿي پيس.
زماني اجهايو ڏيئو چاهتن جو،
غضب آهه مئي جو ٺلهو جام ٿي پيس.
مون کان کين ڳنڍجي سگهيا چاڪ دل جا،
مان ناڪام ناڪام ناڪام ٿي پيس.
جي خاصا رهيا تن اڳيان عام ٿي پيس،
مان خد نامبر خود ئي پيغام ٿي پيس.
عجب حال امجد بڻيو عشق ۾ آ،
مليو خاص ڪوئي ته مان عام ٿي پيس.

رهي باتِ اوندهہ ستارن جي هوندي،
خزان تي ستائي بهارن جي هوندي،
اڪيلي رهڻ ۾ نہ غمگين ٿيان ها،
اداسي رهي آهي يارن جي هوندي.
ڇڏي سير ڪي ڪين پهچي سگهي آ،
مقدر جي ٻيڙي ڪنارن جي هوندي.
ستائي ٿي مون کي زماني جي گردش،
نہ آهي سڪون ڪو سهارن جي هوندي.
ڏکن چيو وڪوڙي ڇڏيو، آهہ امجد،
پري ٿي خوشي وئي دلارن جي هوندي.

سڪل وڻ ڪي بهارن جون هوائون چا ڪري سگهديون،
محبت جي مريضن ڪي دوائون چا ڪري سگهديون.
اذيت سان وڙهي جيڪو هميشہ سوپيارو ٿيو،
انهيءَ ڪي وقت جا مانگر بلائون چا ڪري سگهديون.
وڃي ٿي ختم ٿيندي زندگي دنيا جي ڏوڪن ۾،
هجي جو سنگ دل ان ڪي صدائون چا ڪري سگهديون.
سچائيءَ ڪان سوا هيءَ زندگي بس دربدر آهي،
سچي ڪي ظلم جون ڀاريّ سزائون چا ڪري سگهديون.
نہ جيڪو ٿو محبت آل احمد سان رکي امجد،
انهيءَ مروان موذيءَ جون دعائون چا ڪري سگهديون.

پري ٿيو مون کان منزل جو ڪنارو پڻ اجا آهي،
بروڪو منهنجي قسمت جو ستارو پڻ اجا آهي.
رهي، ٿو دور نظرن کان رهي بيشڪ سڄڻ منهنجو،
مگر يادن جو دل ۾ عڪس يارو پڻ اجان آهي.
توجہ پل نہ ڏين مئخورا مئخاني ۾ غم ناهي،
نظر جو جام ڏيندو سو دلارو پڻ اجان آهي.
چمن ۾ جي سڪل پن تي پيا سا وا تہ چاتي پيو،
جليل منهنجي اندر جو گل بهارو پڻ اجان آهي.
نہ ايندو موت جيستر يار جي آمد نہ تي امجد،
رهيو جنهنجي تمنا تي گذارو پڻ اجان آهي.

سڄڻ تنهنجي رهي مون کي سدائين انتظاري آ،
اڃي ڏس منهنجي حالت کي اکين مان آب جاري آ.
کيو روشن مون رستن کي کڏهن ايندين اڱڻ منهنجي،
هميشہ تنهنجي الڪي ۾ حياتي مون گذاري آ.
وڃا گذري زمانا پر سنيهو ڪين آ پهتو،
مٺا مل تون اڃي هاڻي جدائي جان ڳاري آ.
هميشہ ڏي نہ ڏک ايڏا سهڻ جي ڪين سگهہ آهي،
ڏکن جي لاءِ مون توسان رکي ڇا يار ياري آ.
نرالا ناز نخرا ۽ ڪتيون مٺيون ملاقاتون،
انهن يادن ڏني منهجي بدن ۾ بيقراري آ.
وساريو تو جيئڻ مون کي تنئين مون تو کي ساريو آ،
سنياري توکي مون پنهنجي سدا قسمت سنواري آ.
ضروري آهہ غم انسان جو هر دم رهي امجد،
رهيو جنهن ۾ نہ غم آهي اها دل مون نہ ڏاري آ.

بگڑيل بخت بنائڻ آيو،
ناتو يار نڀائڻ آيو.
ڏور ڪري ڏک منهنجا ساجن،
سک جي سيج سجائڻ آيو.
الفت اوج تي آڻڻ خاطر،
فرقت محب مٽائڻ آيو.
ڪارين راتين کي ٽڪرائي،
ڏينهن سان ُلئون لائڻ آيو.
ويرانيءَ جي وسطيءَ ۾ اڄ،
گل تيل ديپ جلائڻ آيو.
دردن جي دنيا ۾ امجد،
سک جا گيت ورهائڻ آيو.

ڏيان بيسهارن کي هر دم سهارا،
پکيڙي چڱيان علم جا چند تارا.
انڌيري ۾ ٻڌجي وجان روشني مان،
برائي ڪري ڏور آٿيان سڌارا.
چڱائي ۾ منهنجي گذر ٿي حياتي،
پلي ڪن ستم مون تي سنسار وارا.
بڪايل اجايل ڏکايل بشر جا،
مٽائي ڇڏيندس اهي اهنج سارا.
خزان جي پٽي پاڙ پنهنجي هٿن سان،
چمن ۾ نزاڪت جا آٿيان نظارا.
مان هيٺن جو همدرد ٿي هر قدم تي،
ڏکائي ڇڏيان ڏيهہ ۾ ڏاڍ وارا.
سچائي تان امجد ڪجي ساهہ صدقي،
ڪرڻ ڪين گهرجن انهيءَ کان ڪنارا.

چو رئان مان چو رڙان چپ رهان بس چپ رهان،
بي بسيءَ ۾ چا ڪيان چپ رها بس چپ رهان.
مان مصور ڪو هجان تنهنجي صورت ٺاهيان،
پو چمان سجدا ڪيان چپ رهان بس چپ رهان.
مان جي شاعر ڪو هجان، سونهن تنهنجي تي لکان،
ڪين محفل ۾ پڙهان چپ رها بس چپ رهان.
بادلو برسي پئو ٿر جي هر هڪ ڪنڊ تي،
دانهن ٿو پياسي ٻڌان چپ رها بس چپ رهان.
ڪوهہ جيڏي آ بٽي ڳوري منهنجي زندگي،
ڪيئن قدم اڳتي کڻان چپ رها بس چپ رهان.
تون تہ تڙپي ٿو پوي ڪو جي روئندو ٿو ڏسين،
مان ڪلان امجد روئان چپ رها بس چپ رهان.

ٻوڙڻ کي ٻاڪائين چئو ٿو،
پنهنجو هانءَ هڄائين چئو ٿو.
جيڪي پنهنجي ڏن ۾ آهن،
تن لئہ وقت وڃائين چئو ٿو.
سورج جي ايرڻ کان اڳ ۾،
گهر جو ديپ اجهائين چئو ٿو.
جيڪي تنهنجا ناهن تن لئہ،
در در ليئا پائين چئو ٿو.
بي بس پنورن خاطر آخر،
پنهنجو من تڙپائين چئو ٿو.
پاڇولن جي پويان ڊوڙي،
پنهنجو ساهہ سڪائين چئو ٿو.
ڪاريهر جي ٻر ڏي آخر،
پنهنجي وک وڌائين چئو ٿو.
سک جو سورج اڀريو ناهي،
گيچ خوشيءَ جو ڳائين چئو ٿو.
پئسي جي آ دنيا امجد،
سڪڻا ٻول ٻڌائين چئو ٿو.

ڏکن جي مان ڏونگر کي ڏاري پوءِ مرندس،
گهٽائون نحوست جون ٽاري پوءِ مرندس.
رڙين روڄ پٽڪن جي هن سر زمين تي،
خوشين جون گهڙيون چار گهاري پوءِ مرندس.
مڃان ٿو ته هيٺو آهي حال منهنجو،
مگر نسل رهزن جا ڪاري پوءِ مرندس.
اُجهائي تو ڏيئو ڇڏيو آ مگر ٻڌ،
سچائيءَ جو سورج اياري پوءِ مرندس.
حياتيءَ جي هر هڪ گهڙيءَ جو قسم آ،
سنڌو سينڌ تنهنجي سنواري پوءِ مرندس.
فنا جي ڪري ڪونه پيدا مان ٿيو هيس،
فنا کي ته يارو مان مري پوءِ مرندس.
مان رهزن جي دلدل مان هڪ ڏينهن ڏسجو،
هي سنڌڙي لڳائي ڪناري پوءِ مرندس.
حياتي ڀلي سان امجد ڇڏي ڏي،
مگر ديپ چاهت جا ٻاري پوءِ مرندس.

خوشيءَ سان ڏکن ۾ رهڻ ناهي سولو.
مسلسل ڪنڊن ني هلڻ ناهي سولو.
تلي تيز طوفان ۾ انڌيءَ جي هوندي،
ڪکائون کو جهوپڙو اڏڻ ناهي سولو.
هتي حام حق جي ته هرڪو هتي ٿو،
مگر سچ منهن تي چوڻ ناهي سولو.
چيو ڪربلا جي مٽي روئي مون کي،
بکن ۾ اڃ ۾ وڙهڻ ناهي سولو.
سسي وئي جدا ٿي عنايت جي ڏڙ ڪان،
بلاول جيئان پسجي وڃڻ ناهي سولو.
نه واريءَ تي تاريخ محفوظ ٿيندي،
۽ پاڻيءَ تي ڊوڙڻ ڊکڻ ناهي سولو.
روانيءَ سان چاهيان ٿو امجد لکان پر،
غزل ايترو بي لکڻ ناهي سولو.

پيار ڪري پڇتائين ڇو ٿو،
پنهنجو من تڙپائين ڇو ٿو.
مرڪون مرضيءَ ساڻ ڦرائي،
گيت ڏکڻ جا ڳائين ڇو ٿو.
ڪانڊيرن جيئان دوست اڇوڪا،
ڳيچي ڳل تون لائين ڇو ٿو.
من جي ماري سندرتا جو،
اهڙو وهہ پو ڪائين ڇو ٿو.
بيحس ٻوڙن گونگن کي تون،
لفظن سان سمجهائين ڇو ٿو.
جيڪي ويري ڌرتيءَ جا هن،
تن کي امجد ڀائين ڇو ٿو.

ڏاڍ ۽ زوري اوج تي آهي،
چمچا خوري اوج تي آهي.
ڪنهن کي چئجي گهٽ تون آهين،
سيد ڪوري اوج تي آهي.
ڪلهہ جو ليکڪ اڄ جو ڏاهو،
ادبي چوري اوج تي آهي.
ڪنهن ڪنهن تي الزام ڏجي اڄ،
چورو چوري اوج تي آهي.
مون وٽ انسان سڀ کان افضل،
تو وٽ غوري اوج تي آهي.
(غوري مزائيل)

خطابن کان مون کي جدا ڇو ڪيو ٿا؟
ربابن کان مون کيٌ جدا ڇو ڪيو ٿا؟
گناهن جي ويجهي ڪرڻ وارئو آخر،
ثوابن کان مون کي جدا ڇو ڪيو ٿا.
رڳو يار الزام مون تي مڙهيو ٿا،
جوابن کان مون کي جدا ڇو ڪيو ٿا.
خوشيون چند گهڙيون رڳو ساٿ ڏينديون،
عذابن کان مون کي جدا ڇو ڪيو ٿا.
اوهان وٽ محبت نہ مون لاءِ پنهنجي،
عتابن کان مون کي جدا ڇو ڪيو ٿا.
جهلي جهول سنڌڙيءَ جي تاريخ چئي ٿي،
ڪتابن کان مون کي جدا ڇو ڪيو ٿا.
هو ڏس ٻار ڇَپڻيءَ ۾ پوپٽ چوي ٿو،
گلابن کان مون کي جدا ڇو ڪيو ٿا.
هي انسان ذرتيءَ جو باب آهي، ذرتيءَ،
جي بابن کأن مون کي جدا ڇو ڪيو ٿا.

هر ڪنهن آڏو ڪرندا ناهن،
ڳوڙها منهنجا سستا ناهن.
تعريفون جو تنهنجون ڳائين،
شعر هن منهنجا چمچا ناهن.
منهنجا مرشد سنڌ جا ماڻهو،
ڪنهن کي ڏيندا ڌوڪا ناهن.
چيٽي تنهنجيءَ تي هي نچندا،
ماڻهو اڄ جا سادا ناهن.
سنڌ جي خاطر سڏڪي پيو آن،
سولا ايندا سڏڪا ناهن.

يادون تنهنجون ڳوڙها ٻڌجي،
اکڙين ۾ ايندڙيون هن اپري.
ڪالهہ چوان پيو ڪجهہ يي ناهي،
سمجهي ويو هان چاهي دوري.
اوجاڳا رانديون تا ڪيڏن،
دردن سان لاوارث سمجهي.
وڇڙي توکان تو وانگي مان،
وقت کٽيان تو سڏکي روئي.
جن يي ڏار اسان کي ڪيو آ،
شل هو مرنڌا تڙپي تڙپي.
واءُ وسيلي نياپا منجيا،
دل جي هر ذرکي سان گڏجي.
پيار اصول مٿان مون گهوريو،
معاف ڪجان تون مون کي منڙي.
روحاني گڏ آهي امجد،
جسماني جا ڏور رهي ٿي.

چپ سان جڙي ھيءُ جيءُ ويو،
ويڙھہ جو ارادو تي ويو.
ھاڻ پل حياتي پئي ڪٽي،
قوم، چاھہ تنوسان تي ويو.
ھو تہ جاھلن جي موت لئہ،
زھر جو ھو پيالو پي ويو.
دشمنيون سموريون پيش پيس،
انتقام ئي پلجي ويو.
اوندھہ جو نہ واپاري ھيو،
ھوڏئي تہ شعلائي ويو.
سنڌ جا ٻڌي ھو داستان،
ٿهڪ مون وٺان موٽي ويو.

الجهي سلجهي الجهي پيو تو،
اندر ۾ هو ڦتڪي پيو ٿو.
بيداريءَ سان ويڙن هئي هئي،
گوشت اڏيءَ جڻ ڪپجي پيو ٿو.
قوم سڄي جو درد هو هن ڪي،
پر تو ناهي سڏڪي پيو ٿو.
سنڌڙي تو سان پيار اسان جو،
سمندن وانگي ڇلڪي پيو ٿو.
تنها جيڪو ماريو ويو هو،
تاريخن ۾ ٻهڪي پيو ٿو.

چپ کلي پيا ٻولي جيپ تي،
چانو ويهاري روئي جيپ تي.
اندر جنهن جو جهڙو آهي،
تهڙي ٻولي ٻولي جيپ تي.
شخص پلي کو اونهو تي پئي،
هڪ ڏينهن ان کي کولي جيپ تي.
قومي غيرت ناهي، ان جي،
سير نہ هڪڙي تولي جيپ تي.
سياست دانن ويڪائن جي،
طوطي وانگر ٻولي جيپ تي.

عشق جو هر باب آهي،
منهنجي فطرت ۾ سمايل،
امن، سچ جي لفظ وانگر،
آهہ الفت ۾ سمايل،
انقلابي ويڙهہ جي ٿئي،
جيت جرئت ۾ سمايل،
هر بديءَ کان ڇوٽڪارو،
يار نفرت ۾ سمايل،
ڪوڙ اڄ جي آدميءَ جي،
آهي عادت ۾ سمايل.

مري ويا سمورن جا جذبات آهن،
تڏهن ٿي تہ بگڙيا هي حالات آهن.
ڪليشن، ٿري ناٽ لانچر اهي سڀ،
بشر جي تباهيءَ جا آلات آهن.
سڄي عمر ڪائي مڃن ٿا نہ جيڪي،
وڏا اهڙا انسان ڪم ذات آهن.
وڏيا ويچا وڻ جي تہ پاڙن جيئان هن،
سڄي قوم بگڙڻ جا فڪرات آهن.
خيالن نہ نيڻن چڏيو اوپريءَ ڪي،
پڪارون ڪندا هو سڄي رات آهن.
وڇوڙي جو احساس جنهن دم ٿئي ٿو،
سي لمحا او منٽ تہ سڪرات آهن.
اذيت ملي آهہ امجد جڏهن ٻيي،
ڪندا تنهنجا واعدا ملاقات آهن.

پيار توسان ڪيو،
چئين دل جو ويو.
مرڪ مون کان کسي،
لڙڪ مون کي ڏنو.
تو اشارو ڪيو،
خوب هر ڪنهن لٽيو.
سچ تو کي سڏيو ؟
لوڪ دشمن ٿيو ؟
سونهن جي سمنڊ ۾،
ڪو ٻڏيو ڪو تريو.
علم جي شهر ۾،
لوڪ حيوان ڏٺو.

ڏونگر ڏاري آڻ سگهان ٿو،
اڀ جو ڦاڙي هاڻ سگهان ٿو.
پنهنجي من جي سندرتا تي،
ڪين وهاري ڪاڻ سگهان ٿو.
ويري جيڪي ڏرتيءَ جا هن،
تن جو ميٽي تاڻ سگهان ٿو.
جنهن ۾ ظرف ذرو ڀي ڪونهي،
اهڙو ڀوري ٿاڻ سگهان ٿو.
دشمن کي ناڪام ڪرڻ جو،
امجد ڄاڻي ڏاڻ سگهان ٿو.

نراس آن مان نرمل نظارن جي هوندي،
خزائن تي ڏنگي پئي بهارن جي هوندي.
اها بد نصيبي نہ آهي تہ چاهي،
اڪيلو رهان ٿو پيو يارن جي هوندي.
نہ پهچي سگهي آهي منزل تي اڄ پڻ،
مقدر جي ڪشتي ڪنارن جي هوندي.
ڏجي منهن تہ ڪهڙي طرح گردش کي؟
جڏهن بيقرار آن قرارن جي هوندي؟
زماني جي هرشيءِ تي اوندهہ جو راڄ آ،
رهي گگہ ٿو چنڊ تان جي هوندي.
جيئڻ جو سليقو ڪٿان آڻيان امجد،
مان مطلب پرستن، غدارن جي هوندي.

ساز آهي سور ناهي دوستو،
زندگي ناسور ناهي دوستو.
غور سان ڀل ڏس خوشيءَ جي رنگ کي،
ٿيو ڪڏهن ڀي چور ناهي دوستو.
ڏوڪڙن تي حوصلا هن جا جهڪن،
ايترو مجبور ناهي دوستو.
سنڌ لئہ امجد وڙهيو هر دور ۾،
ڏس مڙيو هو مور ناهي دوستو.

ڏيئي سان ڏسڻ سچ ٿو چاهين،
وڏو يار نادان آهين.
بارودي برسات وسائي،
ڌرتيءَ تي تون ڇا ٿو چاهين.
آنءُ تہ هڪ ڏينهن وڃڻو آهيان،
ڇو ٿو ويندڙ کي رنجائين.
منهنجي چيڪي روح کي آخر،
ڇو ٿو زوري پٿر بنائين.
حقيقت تون ڄاڻين جڏهن خود،
پرستيءَ جي ديوار ڍاهين.

سوچون منهنجون اوندهہ کان پو،
پرنديون رهنديون اوندهہ کان پو.
چاڻي چڏ تون ظالم تنهنجو،
پيچو ڪنديون اوندهہ کان پو.
روشن خيالي تحريرون ڏس،
منهنجون وڙهنديون اوندهہ کان پو.
ليڪ سمورا نوڪون قلمون،
شعلو ٻٽبيون اوندهہ کان پو.

منهنجي دل جي ويرانن ڏانهن،
هوريان هوريان ڪير اچي ٿو.
سچ منافق کي چئي ڏس ڇڻ،
ڪاريهر تي پير اچي ٿو.
شهرت مون کان دور هلي وڃ،
اکڙين ۾ انڌير اچي ٿو.
نفساني خواهش سان سائين،
من اندر ۾ مير اچي ٿو.

بدن کي ڪري دم سلامي وجي ٿو،
هوائن ۾ ڏيئو اجهامي وجي ٿو.
حياتي اٿئي چئن ڏينهن جو چٽڪو،
ڪري فرض پورو پيامي وجي ٿو.
اذيت کي سيني لڳائي هو سرڙو،
وڏيل، سرخرو ٿي، غلامي وجي ٿو.
سڄڻ جي ڇڏي غم ڪجي کهڙو امجد،
پکي پر ڦٽڻ تي ڏامي وجي ٿو.

سج ۾ اک اڙائين چو ٿو،
پنهنجو پاڻ جلائين چو ٿو.

پٿر هرگز ترندو ناهي،
پاڻيءَ ۾ اڇلائين چو ٿو.

جن جو شيوو دوکو آهي،
تن ڏانهن تون واجهائين چو ٿو.

سمنڊ ڪناري گهر آ تنهنجو،
واڳن کان لهرائين چو ٿو.

نيٺ ته منزل ماڻيندا سين،
اونداهيءَ کان گهبرائين چو ٿو.

درد جي تون مان خوشيءَ جي ڳالهه ڪيان
گهگهه ۾ ٿو روشنيءَ جي ڳالهه ڪيان.

تون سڄي سنسار جون ڳالهيون ڪرين،
مان رڳو هن ڌرتتيءَ جي ڳالهه ڪيان.

جهول ۾ بيهوش ٿيندي ٿي وڃي،
بک وگهي هن ٻارڙي جي ڳالهه ڪيان.

تون ڀلي هٽلر هلاڪو ڳاءِ مان،
آدميءَ جي دوستي جي ڳالهه ڪيان.

ڇوڪرين جي بيرخي تي روئين پيو،
مرڪٽي هڪ ڇوڪري جي ڳالهه ڪيان.

موت جي موجودگيءَ ۾ هرگهڙي،
مان ته ”امجد“ زندگي جي ڳالهه ڪيان.

ها نسورو سور ٿيندي ٿي وڃي.
زندگي ناسورو ٿيندي ٿي وڃي.

ڏس جواني هٿ ڇڏايون ٿي وڃي،
هئي حياتي جهور ٿيندي ٿي وڃي.

دائرن ۾ اڄ پيلا هر خير جي،
ڳالهہ ڇو محصور ٿيندي ٿي وڃي.

پيار جي هوءَ ڪا وڏي آ طالبو،
پيار ۾ مخمور ٿيندي ٿي وڃي.

هر جڳهہ تعريف هن جي سونهن جي،
تنهنڪري مغرور ٿيندي ٿي وڃي.

جيترو "امجد" خوشيءَ جي ڪيڊ ڊڪون،
اوترو هوءَ ڏڏور ٿيندي ٿي وڃي.

خطا وار آهيان سزائون پلي ڏيو.
گنهگار آهيان سزائون پلي ڏيو.

جي ڪم ظرف آڏو تون هاڪار آهين،
مان انڪار آهيان سزائون پلي ڏيو.

وچن جيڪي ڪيا هن مان هر هڪ وچن سان،
وفادر آهيان سزائون پلي ڏيو.

هو سچ تي ٿا دانگي ملن پيا مان سچ جو،
تہ سينگار آهيان سزائون پلي ڏيو.

مان سنڌ جي ذري ڪانڌ ذري جو مجان تو،
پرستار آهيان سزائون پلي ڏيو.

سزا جيڪا چاهيون پلي ڏيو پلي ڏيو
مان للڪار آهيان سزائون پلي ڏيو.

توبن يونيورسٽي سائنڻ
ٻڌجي پوندي آهي ڏائڻ.

باغيچن مان اڙي مون کي،
ٿهڪ ٻه ايندا آهن ڪائڻ.

وڻ ٽڻ ٻوٽا پوپٽ گلڙا،
سي ٻه اچن ٿا چڻ چيڙائڻ.

ليڪچر سارا استادن جا،
ايندا آهن پيينڊ وسائڻ.

زهر لڳي ٿو ڪنهن سان پلجي،
ياڪر پائڻ هٿ ملائڻ.

ڪرسيون بيرا ڪنٽن ساري،
گڏجي اچن ٿا باهه لڳائڻ.

يالو لڳندو آهي "امجد"
ڪو جي ايندو آهي ڪلائڻ.

پيش ايئين اچن چو گهڙيون ٿيون.
ماس منهنجو پٽن جڻ ڳجهون ٿيون.

وقت کي پئي چيمر هو نہ پلبي،
آب ۾ چا ڳرن ڪنڪريون ٿيون.

غور سان تون ڏسين هر شيءِ، مون کي،
ڏسندي تنهنجون جهڪن چو اکيون ٿيون.

عشق جون ڳالهيون جرڪيون ٿئي،
سي ڪڏهن پيي نہ ٿين ميريون ٿيون.

سال ٿيا چو نہ پلجي اچين ٿي،
ڳالهيون تنهنجو وجن سپ رنيون ٿيون.

ويرانن جو گهر تي سمجهين.
مون کي چو پٿر تي سمجهين.

کوڙن کن کردارن وانگر،
سچ کي تون خنجر تي سمجهين.

ماءُ کان ممتا اڏري وئي آ،
قيامت کي بہ خبر تي سمجهين.

تو لئہ دل رانديڪو، کيڏي،
فرض هٿڻ ٺوکر تي سمجهين.

خوشيون جيکي بخشي چڏيون هئي،
مون وٽ سي اوڌر تي سمجهين.

خود کي چو ناهيندي آهين.
تون تہ هئين ئي وٺندي آهين.

ان جي گهاٽي چانوَ هجان جنهن،
وڻ جي هينيان ببهندي آهين.

مون لئہ مقدس سي ئي آهن،
جن رستن تي تون گهمندي آهين.

سچ هجان سياري جو جنهن جي،
ٽڙڪي تي تون ويهندي آهين.

جڳ جي ساري سونهن ڪٺي چو،
يونيورسٽي ويندين آهين.

ميلا لڳجي ويندا "امجد"
چا لئہ ڏاڍيان کلندي آهين.

فون جي تنهنجو ايندو آهي
الڪو اذري ويندو آهي.

توسان ڳالهائيندي پياري
ڏک چو وقت پريندو آهي.

تنهنجن نيڻن نخرن تي ئي
شعر قلم جوڙيندو آهي.

ڳوڙهن ۾ منهن يا لڪائي،
تولئہ پيو سوچيندو آهي.

مان نہ وجان تي لفظ وچڻ جو،
جان سچي چيريندو آهي.

هر ڌڙڪو "امجد" جي دل جو،
توکي پيو تہ سڏيندو آهي.

سوچ اسان جي دهرائيندا،
نفسن کي جي نچرائيندا.

هر دئور يلي ڏس ارڙا ماٺهو
سولن کي پيا شرمائيندا.

قومي جذبن وارا ڏسجو،
طوفانن کي تڙپائيندا.

لات شعور ٻري ٿي، تنهن سان،
جڳ سڄي کي جرڪائيندا.

ٿهڪن کي هو ياڪر پائي،
ڌرتي ساري ٻهڪائيندا.

ڪڪڙن وانگر عيبن کي هو،
ڪردارن سان ڦڙڪائيندا.

واچوڙي ۾ ويڙهي سيڙهي،
ڪوڙ ڪپت کي ڦتڪائيندا.

پيار پريل سپ بوسا "امجد"
سور سمورا سهڪائيندا.

سونهن شهر تي ويندي آهين.
سنڌ ڪپر تي ويندي آهين.

هلڪو ڳاڙهو جوڙو پائي،
شام پهر تي ويندي آهين.

جنهن ڏمر مرڪي نيڻ ڪٽي تي،
سچ ته ڪهر تي ويندي آهين.

گهر کان نڪتيءَ شهر سڄي جي،
خاص خبر تي ويندين آهين.

اونڌهه جاتي هوندي ان پر،
تون ته سحر تي ويندي آهين.

منهنجي پتڪيل پيار پکيءَ لئه،
توئي شجر تي ويندي آهين.

آئيني جي سامهون "امجد"
جو ته اندر تي ويندي آهين.

سنڌڙي وٽ ياد مون کي تون ڪجان
هر جهڄيءَ وٽ ياد مون کي تون ڪجان.

تون جڏهن پيي ٽورڙو ميڪپ ڪرين،
*درسنيءَ وٽ ياد مون کي تون ڪجان.

والڙيون پائي هلائين ڪنڌ جي،
والڙي وٽ ياد مون کي تون ڪجان.

چيلهہ پنهنجي ۾ ٻڌي ڪارئو نچي،
ناچٽيءَ وٽ ياد مون کي تون ڪجان.

وار پنهنجا جي سوارين تون جڏهن،
هٿ ڦٽيءَ وٽ ياد مون کي تونئ ڪجان.

ڳل لڳي جي موڪلائيندي رئين،
ان ونيءَ وٽ ياد مون کي تون ڪجا.

جي هيٽن پرفيوم جوڙي جي مٿان،
تنهن گهڙيءَ وٽ ياد مون کي تون ڪجان.

*آئينو

گل ڪٺي پنهنجي سڀُنيءَ ۾ جي هٿين،
گل سڀُنيءَ وٽ ياد مون کي تون ڪجان.

پيار ڀحشن ۾ تُرِي پئي وقت جي،
ساهميءَ وٽ ياد مون کي تون ڪجان.

جي وهاڻي تي وڇائي وار سمهين،
ڪٽ رليءَ وٽ ياد مون تون ڪجان.

تون انڌيرن کان پڇي جي تي پچين،
روشنيءَ وٽ ياد مون کي تون ڪجان.

تي گذر تنهنجو جڏهن پيي جي هتان،
ورستيءَ وٽ ياد مون کي تون ڪجان.

مون مجو ڏي درد ”امجد“ درد ٿو،
پر خوشيءَ وٽ ياد مون کي تون ڪجان.

چو ڳڙن ڳوڙها مان سانديون ٿو وتان:
باهہ جا شعلا مان سانديون ٿو وتان.

سوچ منهنجيءَ کي ڪري اغوا وئي.
ڪوڪلا جملا مان سانڍيون ٿو وتان.

مرڪ پنهنجيءَ ۾ لڪائي ذلتون،
پيو ڏنئين ڇاڇا مان سانديون ٿو وتان.

پاڻ هن ها پيار جا واعدا ڪيا.
ڇا ڪيئين واعدا مان سانديون ٿو وتان

بس لڳا "امجد" رڳو مون تي لڳا
ڏوهہ هن سارا مان سانديون ٿو وتان.

اک ۾ ڳوڙهو خامشي تئي.
ڪنهن سان شايد دل لڳي تئي.

دوست جي ناراضگي تئي.
زهر جي پيتي چڪي تئي.

تون نہ تي جذبن کي چاٽين،
چا ڪندي هڪ بي رخي تئي.

ڪيئن بچان هڻ ڪڻ ڪان جيڪا
نوڪ تنهنجي ۾ لڪي تئي.

سمجهہ منهنجيءَ تي ڪلين تي
سا تہ منهنجي سادگي تئي.

ڪا تي بچندو ساڻ جنهن جي،
هيڏي ساري خامشي تئي.

ڏس اکيون ڳالهائني تيون،
ظاهر ڪيڏي خوشي تئي.

تهڪ ڳولها ۾ دڪي پئي ٿو زمانو سارو.
جي رڪين ٿي تہ رُڪي پئي ٿو زمانو سارو.

تنهنجي اکڙن ۾ ڪشش ڪهڙي چوان شڪتي آ،
جي ڏسين ٿي تہ جُهڪي پئي ٿو زمانو سارو.

تنهنجو آرس بہ غضب آهي، ٿني پرزا ٿي،
تنهنجي قدمن ۾ پري پئي ٿو زمانو سارو.

توکان سهٽو نہ ڪٿي آهہ جو سامهون ٿي پئي،
سونهن تنهنجيءَ کان لُڪي پئي ٿو زمانو سارو.

هي سچو جڳ ئي بسو پيو ٿو لڳي "امجد" کي
جي کلين ٿي تہ کلي پئي ٿو زمانو سارو.

ٻارن سان مان راند ڪيان ٿو.
اخبارون پيي خوب پڙهان ٿو.

ٽي وي ڏسندو ڪيسيٽون ۽،
ريڊيو پيي مان روز ٻڌان ٿو.

ڏينهن سڄو ۽ راتيون جاڳي.
سستيءَ سان مان جنگ جٽيان ٿو.

پڙهندو ڏسندو جيڪو ڪجهه هان،
شعرن ۾ پو ان کي لکان ٿو.

ڪهڙي شيءِ آ مشڪل مون لئه،
هر شيءِ مرضيءَ سان گهڙيان ٿو.

سارو جڳ آ شاهد منهنجو،
ڏاڍ ڏسان تو سامهون ٿيان ٿو.

ڪير آ جيڪو مون کي هاري،
پيرن سان مان هار ٽڏيان ٿو.

پو پيي اٽنڻ اندر جي مان،
جند ڇڏائي ڪين سگهان ٿو.

هوش ۽ طاقت ذهن آ پو يبي،
خود کي مان لاچار پسان ٿو.

مون کان پيي شهزور کو آهي،
جنهن جي چيٽيءَ تي مان نچان ٿو.

هستي پنهنجي ساري وجا ئي،سوچ،
دونهون بڻجي وکري وڃان ٿو.

تاريخن ۾ سوپ هميشہ،
ان جي آهي مان بہ چوان ٿو.

ڪيئن وڃان مان ان مان نڪري،
جنهن جي آوہ منجھہ پچان ٿو.

ڪڪڙ تيان ٿو گيسي ڪيان ٿو.
توبهہ زاري هار مڃان ٿو.

عشق اڳيان مان گوڏا کوڙي،
رحم، رحم ۽ رحم گهران ٿو.

# نظـــــم



زندگي سورن سندو سامان آ،
زندگي ڪجهہ گوڙ ڪان گمسان آ،
زندگي آهي زماني ۾ نڳي،
زندگي انصاف سان ناهي ٺڳي،
زندگي نازڪ سڳي جو ناءُ آ،
زندگي قاتل وڳي جو ناءُ آ،
زندگي آ بوفا ۽ بيبقا،
زندگي هر پل بڻي آهہ جفا،
زندگي سان ٿي ويو ڇو ناهہ آ،
زندگي هڪ باهہ جو آڙاهہ آ،
زندگي هڪڙو خزان جو آهي گل،
زندگي سنسار جو بيڪار هل،
زندگي بڇڙو لٽي تي داغ آ،
زندگي بس حسرتن جو باغ آ،

زندگي جڻ آهہ پٿر جو صنم،
زندگي ۾ آ وتو صدمن جنم،
زندگي جهونڪو هوا جو آهہ ڄڻ،
زندگي ڏوڪو وفا جو آهہ ڄڻ،
زندگي هر قدم تي ناڪام آ،
زندگي ڄڻ زهر جو هڪ جام آ.
زندگي آهي بيابان جي مثال،
زندگيءَ کي ڪو رهيو ناهي ڪمال،

* * *

زندگي اونده جي بس هڪ رات آ،
زندگي بس موت جي سوغات آ،
زندگي آ انتظارن جي گھڙي،
زندگي بس فرقتن جي آ ڪڙي،
زندگي آهي وسايل هڪ ڏيئو،
زندگيءَ جي لاءِ ٿا جڳ جڳ جيئون،
زندگي انسان تي هڪ بار آ،
زندگي امجد وڏو آزار آ.

* * *

جبل، جهڙ ۽ بارش سُڪل سبز ٻوٽا،
پٿون پٽ جهوپا محل روڊ رستا،
ڍنڍيون واهه دريا سمنڊ ڪنارا،
سحر سج زمين آسمان چنڊ تارا،
سيئي ڪجهه ته هوندا مگر مان نه هوندس.

* * *

هو ڪانون جي ڪان ڪان ۽ ڪوئيل جي ڪُو ڪُو،
هو جهرڪيءَ جي چون چون ۽ ڳيري جي گهو گهو،
پکين جا ولر ۽ ميهارن جي هو هو،
هلن جا لمارا ۽ بازن جا جهپٽا،
سيئي ڪجهه ته هوندا مگر مان نه هوندس.

* * *

چوي بد چلن تو کو صياد مون کي،
بديءَ کان کندو موت آزاد مون کي،
نيڪو ڪار ڳڻجي ڪندا ياد مون کي،
زماني ۾ منهنجي گناهن جا چرچا
سيئي ڪجهہ تہ هوندا مگر مان نہ هوندس.

* * *

ڪيو تو کي انسان زندهہ ضميرن،
۽ ڪاڏا ڏڪا نفس تنهنجي اسيرن،
مُلن، پادري، پير، پنڊت، اميرن،
غريبن ۽ هارين، وڏيرن جا جهيڙا،
سيئي ڪجهہ تہ هوندا مگر مان نہ هوندس.

* * *

لڪائي ڪهاڻيون سوين ذرتتيءَ جون،
ڪندا سرد جذبا ۽ خاموش لوچون،
نہ جهڪنديون ڪڏهن انقلابي ڪي سوچون،
اذيت گهرن مان رڙيون سڏ پڙاڏا،
سيئي ڪجهہ تہ هوندا مگر مان نہ هوندس.

* * *

تڪر تنهنجي ڳولها ڪندي ڪو ٿڪيو هو،
پو معصوم چهرو چڙي جڳ ستو هو،
ڏسي ان ڪي پويون پهر ڀي رنو هو،
پريل پيت پاپين جا ڪچڪا ۽ ٽپڪا،
سيئي ڪجهہ تہ هوندا مگر مان نہ هوندس.

* * *

ڏوهاريءَ سان هتڙي وفا ڪئي وجي ٿي،
مزورن جي رت سان ضيا ڪئي وجي ٿي،
ڀلائي ڪرڻ جڻ خطا ڪئي وجي ٿي،
صدين کان هلندڙ هي قانون ڪوڙا،
سيئي ڪجهہ تہ هوندا مگر مان نہ هوندس.

* * *

مٽي تو ڪان نفرت تہ هر ڪو ڪري ٿو،
لڳي تنهنجو ذرڙو تہ سڀ ڪو ڇنڊي ٿو،
مرڻ سان دفن هر ڪو تو ۾ ٿئي ٿو،
نشان تنهنجي عظمت جا هر دم ئي رهندا،
سيئي ڪجهہ تہ هوندا مگر مان نہ هوندس.

* * *

قلندر، يتائي، سچل، شيخ، پيرل،
بخاري، عنايت، الهہ يار، روحل،
مراد آهي خوش خير تنوير تاجل،
بلاول ۽ هوشو ۽ هيمو نہ مرندا،
سيئي ڪجهہ تہ هوندا مگر مان نہ هوندس.

* * *

اثر، شاد، اصغر، اداسي ۽ بيدل،
هي دادن ۽ نجفي ۽ خانڻ جي محفل،
اياز ۽ اميد آهي ماڻهن جي جڻ دل،
سنڌو تنهنجا مسئلا هي لکندا ئي رهندا،
سيئي ڪجهہ تہ هوندا مگر مان نہ هوندس.

* * *

تون مصري ۽ حامي، سليمہ ۽ بيدل ڏس،
هو نانڪ، حسيني ۽ سرڪش، ادل ڏس،
نطمہ، گيت، وايون، رباعيون، غزل ڏس،
قطعا، بيت، وايون، ڪهاڻيون ۽ قصا،
سيئي ڪجهہ تہ هوندا مگر مان نہ هوندس.

* * *

تون بہ سنڌي آن، مان بہ سنڌي آن،
تہ پڻ مون ۾ توڙو فرق آ،
ڌارين کي تون دل سان لائين،
ڌارين جو مان ويري آهيان،
سنڌ تي جيڪي حملا ٿين ٿا،
ڊال بڻي مان تن کي روڪيان،
تون هي چڙهي ڏي راهون منهنجون،
ڏاڍ ڏمر جا ڪوٽ ڪي ڊاهيان،
ويري يار سنڌيءَ جو ناهيان،
ويري سنڌ جي ويريءَ جو آن،
تہ ڪان شايد پلجي وئي آ،
ٻولي جيڪا مان تہ ڳايان،
پنهنجي لال لهوءَ سان سنڌ ۾،
آزاديءَ جو ديپ جلايان،
اهڙو روشن ديپ ڪيان مان،
سج کي جنهنجي آڏو جهڪايا،

پيبر نہ ٽڙڪي منهنجو سگهندو،
ڪوئي ڪچو پٿر نہ آهيان،
ڪک پن ناهيان واءُ اڏاري،
دشمن لئہ مان ڪارو طوفان،
موت ڪڏهن نہ ماريو امجد
موت کي هر دم مان ٿو ماريان.

* * *

# موت

موت اڃي هر روز ملي ٿو،
موت اسان سان راند رچي ٿو،
موت هتان مردود مري ٿو،
موت ڪندو سڀ ٻيڙا پار آ،
موت اسان لئہ ننڍڙو ٻار آ.

موت کي تون ٿو ڏاڍو ڀائين،
موت ڏسي ٿو گيسيون پائين،
موت سان جي تون اک اٽڪائين،
موت مڃيندو تڙپي هار آ،
موت اسان لئہ ننڍڙو ٻار آ.

موت ڪڪائين ٻاهہ مثل ٿي،
موت مجاهد جي جن دل ٿي،
موت سچائيءَ جي محفل ٿي،
موت گلن جو ڀائو هار آ،
موت اسان لئہ ننڍڙو ٻار آ.

موت امر نہ ٿيندو آهي،
موت گهڙي کن ايندو آهي،
موت نفس ماريندو آهي،
روح جي ناهي ٿيندي هار آ،
موت اسان لئہ ننڍڙو بار آ.

موت آ گيدي ڦر دار اڳيان،
موت ڳپيا ٿيو اظهار اڳيان،
موت چاهين تون ڏس پيار اڳيان،
موت اوهان لئہ هڪ آزار آ،
موت اسان لئہ ننڍڙو بار آ.

موت هلي آ منهنجي ها ٿي،
موت پلا ڏس تو ۾ چاٽي،
موت چرو هڪ خوف آ ساٿي،
موت اسان جو گهرو يار آ،
موت اسان لئہ ننڍڙو بار آ.

* * *

# سياست جو ڪيڏارو

ملي ٿو ڪلي تو رڳو پيار ڏئي ٿو،
نہ ڇڙٻون نہ دڙڪا نہ ڪا گار ڏئي ٿو،
عجب ۾ آ پنجي ويو لوڪ سارو،
سخا ۾ سڄو مال پوتار ڏئي ٿو،
لڳي ٿو اليڪشن قريب آئي آهي،
حياتي سڪل تي وٺي سائي آهي،
بڪايل اجايل ۽ پيرين اگهاڙا،
خوشيءَ ۾ هو ڪڏندا هي چوندا وڃن ٿا،
اليڪشن تون سالن ۾ چو ٿي اچين پئي.
وڏي وقت ڪان پيٽ خالي پرين پئي،
هلو شهر جي چوڪ تي آهي جلسو،
هي هو ڪو گهڻين ۾ ٻيو بار ڏئي ٿو،
گهران مان ٿو نڪران ڪٽي پين ڪاغذ،
حياتيءَ ۾ مون ڪي وٺي پين ڪاغذ،
اليڪشن ڪٽڻ لئہ ننگر ٿا هلن پيا،
پريل ديگهہ ڏي دربدر ٿا وڃن پيا،

مٿي کي ڏئي هٿ مان سوچان ٿو وينو،
ڇو قاتل پنيان قوم پڇران ٿو وينو.
اهو ٿي ته غاصب اسان جي حقن جو،
ڪٿي پين ڪاغذ تي لوچان ٿو وينو؟؟
گھڻي وقت کان پو هي انگن اگھاڙ،
ڪنا ٿيا مقدر سنوارڻ لئه هڪ جا.
حقيقت لڪائي هو وحشي درندو،
وڏو هاٺي مسڪين بڻجي هو آيو،
فريبي هو اڳواڻ اسٽيج وينو،
غريبن نه جهومبيو نه تاڙو وڄايو،
مان هر هڪ جي چهري تي نفرت ڏٺي هئي،
۽ اندر ۾ محسوس هڪڙي خوشي ڪئي،
اڇي چٽن مون کي شريفن اٿاريو،
لڪيل نطم مون حوصلي سان پڙايو،
جڏهن ٿيو مقدر اوهان جي هٿن ۾،
تڏهن کان رهيا آهيون ٿا ٻن ڏکن ۾،
رکيو روز، روزو خوشحالي سياٽي،

ڌاڙي ٔ بي گذري بڪن ۽ ڏڪن ۾،
غريبن جي نالي تي سياست ڪري پيو،
ڏتن ۾ ڌاڙي انهن کي رهايو،
تون قومن جي ملڪيت لٽيندو رهيو آن،
۽ بيڏوهہ هر دم ڪٽيندو رهيو آن،
او ظالم تنهنجا هٿ پيجي پوۓ مربو،
۽ ظلمت کي هٽڙان ڪڍي پوۓ مربو،
قسم آ وڙهڻ جو وچن اڄ ڪيون ٿا،
۽ پنهنجي مٿي سان ڪفن اڄ ٻڌون ٿا،
آ تنهنجي جا ملڪيت اسان جي ٿي وينڊي،
جتان تو ڪنئي هئي اتي ئي تہ ايندي،
حڪومت جي خاطر تو وبچا وڌايا،
هي سادا نماڻا تو انسان وڙهايا،
ڪڏا ٿو ڪيا ڪم شرم اڄ اچي ٿو،
حيوانن ڪان وڌ رت بشر جو وهي ٿو،
تون ياڙي شرابي عياشي هليو وڃ،
مڪاريءَ جو سامان ڪلهن تي ڪنيو وڃ،

ڪمين رزيلن جي طابع نہ رهبو،
۽ هڪڙو بہ ڇهبڪ انهن جو نہ سهبو،
نئون سج اياري اسان اڄ اچون پيا،
غمن جا مٽائي نشان اڄ اچون پيا،
مزورن غريبن ۽ مظلوم نارين،
حڪومت ڪرڻ جو قسم ڪنيو آ هارين،
وڏيو مون کي مارڻ وڏيرن جو ماڻهو،
ڏنم ڪين مان هيم جو شيرن جو ماڻهو،
وڏو هل هنگامو ٿي برپا ويو هو،
وڏيرن جو ماڻهو نہ هڪڙو بچيو هو،
لڇن لوفرن هئي ڏکي جان بچائي،
برائي جي گڏجي ڪيائون صفائي،
نہ پر مار غاصب نہ ظالم رهيو هو،
مساوارو سورج بہ ڀڪي پيو هو،
ايامن ڪان هلنڊڙ روايت ٽٽي هئي،
۽ ماڻهن جي چهرن تي ڏاڍي خوشي هئي،

مزورن غريبن ۽ مظلومن نارين،
حڪومت جو واڳون سنياليون هيون هارين،
اسان جي هي ڌرتي تي آزاد امجد،
قصو انقلابي رهي شاد امجد.

* * *

# چئي ڏي جيڪي مان ٿو چاهيان

اجرا ڪپڙا پهريل آيا،
مان به ڏسان پيو هر هر چهرا،
ڪو به نه ڏاريو سڀ ها پنهنجا،
سيئي ڳڏجي هلڪو پٽڪيا،
تون جي ڪندين هر دم جي جي،
مون کي چون ٿا معافي ملندي.

پيهر جي جذباتي ٿيندين،
انگ اگهاڙي پيو تون ڪٽبين،
ڪنهن ڪنهن سان تون وڙهندو رهندين،
هر ڪنهن کان تون معافي وٺندين،
ڏاڍ اڳيان چا تنهنجي هلندي،
مون کي چون ٿا معافي ملندي.

چا هي پو جي جمندا رهندا،
چا بدلائيندا تو جهڙا،
ساڳ اصول ۽ سڪٽا جذبا،
اذيت ڪان ٻيو چا هو ڏيندا،
نڪ تان لاهي چڏ خودداري،
مون کي چون ٿا معافي ملندي.

ٻرندڙ مچ اڇلايو ويندين،
گهاٽي ۾ پيڙايو ويندين،
ڦاهي تي لٽڪايو ويندين،
جاٽي چڏ مارايو ويندين،
معافي نامي تي صحي ٿيندي،
مون کي چون ٿا معافي ملندي.

ويڙهہ چڏيندين ضد چڏيندين،
چاپي ٿي پئي ڪجهہ بہ نہ ڪچندين،
بيغيرت ۽ ياڙي ٿيندين،
پيٽ ۽ ماءُ سان سنڌ وڪٽيندين،
هر خوشي پوتلندي ايندي،

مون کي چون ٿا معافي ملندي.
پر جي منافق ٻٽجي رهندين،
عيش ۽ عشرت پيو تون ڪندين،
هيڪل هڪ ڏينهن ٽڪجي پوندين،
ڪيسين آخر تشدد سهندين،
چپ ٿي وڃ دنيا نہ بلدبي،
مون کي چون ٿا معافي ملندي.

جهٽ لئہ پنهنجو ڪنڌ جهڪايو،
اندر جو مون در کڙڪايو،
پوتر صاف سپاجهو آيو،
۽ مون هن کي حال ٻڌايو،
منهنجي سڪٽي چنڊڙي ٿهندي،
مون کي چون ٿا معافي ملندي.

هن وراڻيو منهنجا ماٺهو،
املهہ هن تو جهڙا ماٺهو،
ٻڌ تون سنڌ جا سادا ماٺهو،
پيرن انگ اگهاڙا ماٺهو،
چئي ڏي جيڪو مان تو چاهيان،
ظالم آڏو جهڪڻو ناهيان.

هوريان هوريان پڌرا ٿيندا،
ماٺهن آڏو نند‌يڙا ٿيندا،
سڀ منافق پورا ٿيندا،
توتا ٿيندا ٽڪرا ٿيندا،
جن کي مان پيي خوب سڃاڻان،
چئي ڏي جيڪو مان تو چاهيان،
ظالم آڏو جهڪڻو ناهيان.

جي هي هٿ هٿوڙا ٿيندا،
ماڻهو سڀ پو آجا ٿيندا،
ڪٽ به نه ڪاري ڪارا ٿيندا،
صاف ۽ اجرا سارا ٿيندا،
بيواهن لئه آيو آهيان،
چئي ڏي جيڪو مان تو چاهيان،
ظالم آڏو جهڪڻو ناهيان.

توريت، انجيل، قرآن، گيتا،
ورق پلي تون کول انهن جا،
سَبَقَ ڏين ٿا سي تہ امن جا،
مون وٽ پيا ڪٽ ليکا چوکا،
انسانيت لئہ آيو آهيان،
چئي ڏي جيڪو مان ٿو چاهيان،
ظالم آڏو جهڪٽو ناهيان.

مون کي پل مارائي ڇڏجو،
گهاٽي ۾ پيڙائي ڇڏجو،
برندڙ مچ اڇلائي ڇڏجو،
ڦاهيءَ تي چاڙهائي ڇڏجو،
سنڌڙيءَ جو اولاد مان آهيان،
هٿ اوهان جي مرڻو ناهيان.

* * *

# خواب نہ تنهنجو پورو ٿيندو

تنهنجي مرضيءَ سان مان اٿندس،
تنهنجي مرضيءَ سان مان ويهندس.
گهر جي هوندي بي گهر ٿيندس،
ڌاريو ٻڌجي سنڌ ۾ رهندس.

تنهنجي آڌو ٻڌجي ايندو،
جيئڙي مهنجو سرڙو جهڪندو،
خواب نہ تنهنجو پورو ٿيندو.

ارغونن ۽ ترخانن ٻي،
ظلم ڪيا ها ٻين ٻي گڏجي،
ڳالهہ نئين آ ڪنڙي تنهنجي،
تون ٻي ڏسجان ويندي مڻجي.

نسل اسان جو چپ ٿي ويهندو،
سنڌ جو نقشو ڊهجي ويندو،
خواب نہ تنهنجو پورو ٿيندو.

بُکَ کا ن ياڙي ناهن ٽيندا،
گهاوَ متان هو گهاوَ پيا سهندا،
وڙهندا رهندا وڌندا رهندا،
قدم نہ هڪڙو پٺتي ڪڙندا.

ذرتيءَ خاطر ڪو بہ نہ وڙهندو،
بي غيرت ٿي هر ڪو جيئندو،
خواب نہ تنهنجو پورو ٿيندو.

ڪنهن کي ٻيي هو چوندا ناهن،
پهل ڪري هو وڙهندا ناهن،
ڏاڍ اڳيان هو جهڪندا ناهن،
ميدانن مان ڀڄندا ناهن.

تنهنجي آڏو جهڪجي ويندو،
لوڪ سمورو چپ ٿي ويهندو،
خواب نہ تنهنجو پورو ٿيندو.

سنڌ لاءِ مسّت موالي ناهي،
جهيڙي ڪان ڪو خالي ناهي،
سنڌڙي جو ڪو والي ناهي،
ان لاءِ اڪ ڪا آلي ناهي.


هڪ ٻئي سان ئي وڙهندو رهندو،
ماڻهو هڪ ٻہ تہ ڳڌجي سگهندو،
خواب نہ تنهنجو پورو ٿيندو.

چپ تي وينا آهيون چاهي،
هر شي سگهون ٿا ٺاهي ڊاهي،
چال اسان جي سادي آهي،
ڏس يلي تون اسان تي ڪاهي.

سنڌ جو ماڻهو هڪ تي ويندو،
تنهنجو نالو مٽجي ويندو،
خواب اسان جو پورو ٿيندو.

* * *

# گیت



ٻير ٿو جي ٻيرن جون جهوليون ڀري ڏي،
جڏهن سج اوير کان ايرڻ چڏي ڏي.
تڏهن توکي پياري وساري ڇڏيندس،
تون ناراض ٿئين ٿي وساري ڇڏيندس.

هٿن جي ترين تي چمي وار پوندا،
سيئي ڻُوهہَ ڪوڙا منا ماکي ٻتبا.
تڏهن توکي پياري وساري ڇڏيندس،

هو ڏور آسمان ڏس زمين کي چهي ٿو،
انهي آسمان کي ڪو هٿ لائي موٽيو.
تڏهن توکي پيا،ى وساري ڇڏيندس،

ڪو روحن کي پڪڙي زنجيرن ۾ جڪڙي،
لتاڙي ڇيپاتي اذيت سان ماري.
تڏهن توکي پياري وساري ڇڏيندس.

خدا کان سوا ٻيو خدا ڪو ٻڌائي،
جي زهر آدميءَ جي حياتي بچائي.
تڏهن توکي پياري وساري ڇڏيندس،


بچي نفس پٺي ذائقي موت جي کان،
مچي ڪا سوا آب جيئري ڏسان مان.
تڏهن توکي پياري وساري ڇڏيندس.

پنهنجي شاعريءَ سان ڪو قرآن ٺاهي،
تو جهڙو ڪو انسان، انسان ٺاهي.
تڏهن توکي پياري وساري ڇڏيندس،

ٻري ڪاٺ "امجد" تي ڪوئلو نہ ڪيري،
چمي چنڊ کي جي چڪور آيو موٽي.
تڏهن توکي پياري وساري ڇڏيندس،
تون ناراض ٿئين ٿي وساري ڇڏيندس.

اوجاڳا چو نہ وجن تا اوجاڳا
اکڙن ۾ ٿاهي وينا آکيرا.
مون کان ڪاٿي وسريا جيڪي ڪيا، هن واعدا
اُوجاڳا ....
مان وجان ڪاڏي وجان تنهنجي نگري کي ڇڏي.
ياد کي ڪاڏي ڪيان تنهنجي نگري کي ڇڏي.
منهنجي دل مون کان ٿتي خوش رهان ڪيئن هڪ گهڙي
رتُ اکڙن مان ڳڙي
اوجاڳا ....
چو اڪيلو چنڊ تون، مون سان ڳڏجي ٿو هلين،
ها ستايل عشق ۾ تون بہ ڪنهنجو ٿو لڳين.
مان بہ ٿڪجان ڪين ٿو، سور سليان ڪين ٿو.
هئي مران مان ڪين ٿو.
اوجاڳا ....
ذهن ۾ ٽاندا ٻکن، ڳوڙها اکڙن ۾ نچن،
جسم جا عضوا جلن، درد اندر ۾ پلن،
چو سزا مون کي ملي، يار "امجد" پيار جي،
ڪيئن ڪٽيان هيءَ زندگي.
اوجاڳا چو نہ وجن تا اوجاڳا.
اکڙن ۾ ٿاهي وينا آکيرا.

## "چوستا"



حياتيءَ جو مشڪل سفر ٿو لڳي پيو، . .
ويرانن مثل هر شهر ٿو لڳي پيو،
لٽي عزتون ۽ ڪري قتل غارت،
حيوانن ڪان بدتر بشر ٿو لڳي پيو.

* * *

دولت جي پڄارن ڪان نفرت ٿو ڪيان مان،
ڪانن جي سهارن ڪان نفرت ٿو ڪيان مان،
راتين جي مسافرن ڪان سک چين کسن جي،
اهڙن تہ اجالن ڪان نفرت ٿو ڪيان مان.

* * *

هتي رت پيٽرول بدران جلي ٿو،
ڪٿيو سر جو انصاف پلجي گهري ٿو،
دغا ڪوڙ ڏوکو نئين ڳالهہ ڪانهي،
زماني ۾ هر جا اهو ئي هلي ٿو.

* * *

گلن جا نہ پوندا ڪڏهن هار توکي،
نہ آئي خوشامد جي سرڪا توکي،
چڱو ٿي تہ جلدي سکي وٺ وگرنہ،
زمانو هي ڏيندئي پيو آزار توکي.

* * *

ڏسو دنيا وارو ٿيو روشن صحن آ،
چراغ چمن اڄ جلايو چمن آ،
ڪاندبرن ڪان سپ ڪجهہ مليو مون کي يارو،
تہ رب بنائي چڏيو چو گلن آ.

* * *

ساهہ صدقي ڪيان،
سنڌ تو لئہ مران،
تنهنجي ڇاتيءَ سمهان،
منهنجي جيجل امان.

* * *

يار منهنجيءَ بيبسيءَ تي،
هن زماني کي کلڻ ڏي،
ڇو کرين ٿو تون نصيحت،
حال پنهنجي تي رهڻ ڏي.

* * *

دلين کان ڪيني قدورت کي دور ڪرڻو آ،
بشر سان پيار اسان کي ضرور ڪرڻو آ،
اديب دوستن سان سر لڳي سدا امجد،
ڇون قصور نہ اهو قصور ڪرڻو آ.

* * *

غم نہ ڏي اهڙو ڏکائي جو هڻين کي باربار،
دور ڪر ڏک درد منهنجو دل منجهان پروردگار،
واسطو تو کي ڏيان ٿو مصطفيٰ جي آل جو،
تون خزان ٽاري چمن ۾ آڻ ڪو جلدي بهار.

* * *

دل دل سان ڪڌهن بي نہ ڪٽي ملندي ڏٺو مون،
هر شخص رڳو ساڙ سبب جلندي ڏٺو مون،
جيڪو بہ چوي سچ تہ اهو درد ڪٽي ٿو،
ڪوڙو ئي زماني ۾ سدا ڪلندي ڏٺو مون.

* * *

سائي ڪي خبر ڪهڙي سِڪي جي،
مسڪين ۽ محتاج بکي جي،
آرام ۽ عيش ۾ اچي ڪو،
لهندو نہ خبر آهي ڏکي جي.

* * *

ڏکن ڪي نہ هر گز وساري سگهان ٿو،
خوشين سان نہ گڏجي گذاري سگهان ٿو،
ڪري زندگي چو وجان بي سوادي،
مقدر ڪي امجد سنواري سگهان ٿو.

* * *

رکيو هي تو لئہ بدن سارو بيقرار اٿم،
پڳل اکين سان کيو تنهنجو انتظار اٿم،
بهار هوندي بہ کڏهن دل نہ ٿي بهار سگهي،
تڏهن تہ خارن سان هر بار کيو پيار اٿم.

* * *

کنهن پي پڇيو نہ مون کان لڳل آهي گهاءُ جو،
کهڙو بيان کيان مان ٻڌايو سياءُ جو،
ڏسجي ٿو پاءُ کين رهيو آهي پاءُ جو،
اهڙو کو گندو جهوٽو لڳو آهي واءُ جو.

* * *

شرافت سان گڏ و گڏ ٿوري ارڏائي ضروري آ،
مُلن، پيرن، وڏيرن کان ڪاسائي ضروري آ،
سنڌوءَ جي سورمن ۽ سورمين جي ڪرنامن کي،
خيالن ۾ سمائڻ لاءِ پاڪائي ضروري آ.

* * *

اڄ غير وڃايو آ سڪون پنهنجي اجهي جو،
هر آس حياتيءَ ڪان پري رهجي وئي آ،
ڦٽڪي ٿي عذابن ۾ هتي سنڌ سڳوري،
تنهن ساڻ چڱي ڳالهہ اجا ڪنهن نہ ڪئي آ.

* * *

قبضو آ خزائن جو بهارن تي اجان چو،
ڏاڍي جي فساني کي حقيقت ۾ مڃان چو،
اونو ٿو پڪيءَ کي بہ رهي پنهنجي اجهي جو،
غيرن جو رهي راڄ پيلا سنڌ مٽان چو.

* * *

الفت جا اونچا ڪوٽ چڙيو ڊاهي چو،
نفرت جا اچو ٿا ڪافلا ڪاهي چو،
ڪجهہ يار محنت جون گهڙيون گهارڻ ڏيو،
ڪيني ۽ قدورت کي رکيو آهي چو.

* * *

مانيءَ جي ڳيپي ڪاڻ مرون ٿا يارو،
هت روز سڪو ڳاهہ چرون ٿا يارو،
جي برف ڳري ٿي تہ ملي پاڻي ٿو،
الفت ۾ اجايو تہ ڳرون ٿا يارو.

* * *

انصاف ٻڌايو تہ هجي ڪيڏو هت،
ءِ ڏاڍ ٻڌايو تہ رهي ڪيڏو هت،
حقدار ڪڇي ٿو تہ چرهي ڦاهي ٿو،
مظلوم ڀلا ظالم سهي ڪيڏو هت.

* * *

درد جي چو زندگي ڏيندا رهيا،
دوست سي چو بي رخي ڏيندا رهيا،
مون خوشيون جن جي مٿان گهوري ڇڏيون،
خواب وانگي سي خوشي ڏيندا رهيا.

* * *

پنهنجو پاڻ جلائي ويٺم،
هر ڪا آس مٽائي ويٺم،
غيرن کي چو پنهنجو سمجهي،
دل جو راز ٻڌائي ويٺم.

* * *

خوشي آ نہ مون کي ڪڏهن راس آئي،
زماني جا ڏک چو ويا جان کائي،
ٻڏي وئي نہ هٿ آيو ڪشتي کي ساحل،
نہ ٿي نيٺ منزل تيءَ ڪائي رسائي.

* * *

وسامي ڏيئو ويو هوائن کان اڳ ۾،
چمن آ سڙي ويو خزائن کان اڳ ۾،
عجب هي زماني جو دستور آهي،
سزائون ملن ٿيون خطائن کان اڳ ۾.

* * *

ڳوڙھا ڳاڙھا ڳاڙي وينمر،
پنھنجو من ئي ساڙي وينمر،
راند متيءَ جي رانديڪن ڪان،
اڄ مان يارو هاري وينمر.

* * *

جڏھن ٻي مليو موت مرڪي ملنداسين،
جتي ظلمر ملندين اتي اَتڪي پوندا سين،
وڏون ٿا هلون ٿا ڏسيل تنهنجي راھن تي،
اسان توکي "جي ايمر" وساري نہ سگھندا سين.

* * *

جھڪڻ ڪمر ڪمينن جو،
گھرڻ ڪمر رذيلن جو،
پنھنجي حق ڇنڻي وٺڻ،
آھي ڪمر شريفن جو.

* * *

حياتيءَ جون نندڙون سڪون ويون ڦٽائي،
اچانڪ چو واجد ويو موڪلائي،
رڙيو ڏيهہ سارو خوشين جي ڌاڙي،
ڏنا عيد تاندا گلن ۾ لڪائي.

* * *

عذابن مان گذاري پاڻ کي تخليق ڪجهہ ٿو ڪيان،
خيالن جو نہ سوچن جو نہ لفظن جو ڪمال آهي،
نہ مان دانان نہ مان شاعر، سمندر مان نہ سوچن جو،
اذيت جا ملي مون کي انهيءَ جو هي مثال آهي.

* * *

ڪتابن کان افضل صحيفن کان افضل،
خيالن جي خاليءَ نڪر کي ٽا پايون،
چمين ياڪرن ۾ بدن جي ڇهڻ کي،
ادب جي پيلي چڻ سفر کي ٽا جاڻون.

* * *

گلابن تي پوپٽ ٿا جهومن ۽ ڳائين،
اسان جو وطن آ اسان کان بہ سهڻو،
قمر آسمان، سج پڌو ئي ستارو،
ڏسو ڏيهہ منهنجو اوهان کان بہ سهڻو.

* * *

تو چيو لفظن جو مجموعو،
شاعري ڏاڍي ڏکي آ،
سچ توسان گڏجي گهارڻ،
زندگي ڏاڍي ڏکي آ.

* * *

ڏرتتيءَ تي شورئي،
چوتيا ڳاٿو کرين،
لوک لولي لاءِ لڇي،
تون ڌماکا ٿو کرين.

* * *

پاڻ وٺايم ٻيو ڪو ناهي،
نفرت آئي آهي ڪاهي،
ڪوڙ نڳي هي دلبو چاهي،
هيءَ اڄوڪي سياست آهي.

* * *

ڪنهن نہ سمجهيو نينوا جي درد کي،
رڻ مٿي ۽ ڪربلا جي درد کي،
جنهن ڏنو سو حوصلو ئي پست ٿيو،
شام واري انتها جي درد کي.

* * *

روشن خيالي خالي ناهي،
ساري سوچ موالي ناهي،
تڙپيو پورا خواب ڪرڻ لئہ،
ڪو ڪم ظرف سوالي ناهي.

* * *

چنڊيءَ رات جا هو سوين سور سانڍي،
سويرو سچو جڳ روشن ڪري ٿو،
دغا ڪور ڏوڪو نئين ڳالهہ ڪانهي،
زماني ۾ هر جا اهو ئي هلي ٿو.

* * *

لب تي جڏهن بہ نام هجي ڪربلا هجي،
مشڪل ڪري جي دور سو مشڪل ڪشا هجي،
دردن جي لاءِ آهي ضروري دوا هجي،
پيو ڇا ڪپي جو پاڻ سان خاڪ شفا هجي.

* * *

امجد ڪان منهن زمانو پلي ڦيرائي،
مگر منهن نہ ڪڏهن شير جلي ڦيرائي،
شڪ ڇا جو هزارن ڪي اها سڌ آهي،
مقدر جا ستارا ٿو علي ڦيرائي.

* * *

سفر ناهي عزم ٿي، سفر حسين،
ڪاش ڪو سمجهي سگهي فڪر حسين،
نفرتون پاڙئون سڙي وينديون رڳو،
سوچ جي هر غونچ مان نڪري، حسين.

* * *

بزدل ڪانئر ۽ بيغيرت،
سنڌ جي ملڪيت ميڙي وينو،
منهنجي قوم جي جذبن سان هو،
راند صدرن ڪان ڪيڏي وينو.

* * *

تنهنجون غلطيون قوم نہ بخشيون،
واقعي ئي ساڙايو ويندي،
سوچ ڪٿي ويڪائو ماٺهو،
ڪاٿي تون دفنايو ويندي.

* * *

هر ڪنهن کي هو پرڪائي ٿي،
سونهن نياڳي تڙپائي ٿي،
دولت شهرت عيش ۽ عشرت،
ڪمزورن کي للچيئي ٿي.

* * *


سوچون مون کي تڙپائين ٿيون،
۽ هو مون کي پڙڪائين ٿيون،
سچ چون ٿيون فطرت آهي،
فطرت منهنجي جاڳائن ٿيون.

* * *

دوستي جي روپ ۾ آئي خوشي،
ڏنگ مٿان هو ڏنگ بس هڻندي رهي،
حوصلا هن جا نہ پست ڪري سگهي،
ڪيتري پل وڻ تي اس ڪرندي رهي.

* * *

# آزاد خیال



## ڪم ظرفي.

ڪو ڏيهہ ڇڏي پيو ڪجھہ ناهي ڪم ظرفي آهي،
هر ڳالھہ ڇڳي ڪو ڏاهي ڪم ظرفي آهي.
جنهن سوچ ۾ لوچ جو جذبو ناهي،
سا سوچ نہ آهي ڪم ظرفي آهي.
منظر سڀ ڪجھہ يار ٻڌائن ٿا پر تو وٽ،
سمجھہ زري ٻي ناهي ڪم ظرفي آهي.
سونهن ڪي رانيوتا ڇو تو پائين،
هو پو بہ ڇوي پيو ڇا هي ڪم ظرفي آهي.
پنهنجي ڏاڍ ڪي مجرائڻ لئہ ڪو،
ڪمزورن تي ڪاهي ڪمِ ظرفي آهي.

* * *

# پاڻيءَ کي موٽايو ويندو.

سنڌو منھنجو ساھ ڦتڪي پاڻيءَ لئہ جيئن ٽڙ،
هٿ ٻڌي ٿو چوي ظاھر ٿيندڙ جڙ،
رڪجي پئو ھڪ پھر، تون ڇو رسندو ٿو وڃين.

* * *

تون ڇو رسندو ٿو وڃين، جاڳايان ٿو لوڪ کي،
سنڌي سب ڪڙا ٿيا تہ، سامھون ٿيندو ڪيرانھن جي،
سست لڳن ٿا توکي جي، هٿ ڌٽي هٿ ۾ تو لئہ وڙھندا.

* * *

هٿ ڌئي هٿ ۾ تولئہ وڙھندا ماروئڙا،
ڦورو ھن ڏٻس جا وات پيٽي پو پچندا،
نعرو سب ھڪڙو ھٿندام مرويسون سنڌ نہ ڏيسون.

* * *

مرويسون سنڌ نہ ڏيسون نعرو هي ورجايو ويندو،
تاريخن جي ورقن کي هڪ ڀيرو اٿلايو ويندو،
ڏاڍ کي ڏسجو هن ڀيري ٿي پاڙان ٿي کيرايو ويندو،
سنڌ جو جيڪو ويري هوندو گهاٽي ۾ پيڙايو ويندو،
ڪڙين سان ڇپياتيو ويندو لت هٿي ڦتڪايو ويندو،
صوفين جو تو صبر ڏٺو آ، جوش بہ هاڻ ڏيکاريو ويندو،
هڪ بہ نہ هاٿي ٻڏ ڀي تنهنجي، نہ ئي ڪجهہ ڳالهايو ويندو،
پاڻيءَ کي موٽايو ويندو، پاڻيءَ کي موٽايو ويندو.

* * *

پشم جي،
ڪو پٽ تي،
گلن جي بارش ۾،
روئي ٿو.
رڙي ٿو !
ڪو پٿرن
جي بارش
۾،
ڪندن جي
پٽ تي
هلي ٿو.
کِلي ٿو.
اڌيءَ ڏانهن
وڌي ٿو.

* * *

باولن جي پوپان،
اڏ چنڊ.
ميرانجهو وتو لڳي ٿو.
آسمان،
پر،
اڄ
ڪنهن
هيروئيني وانگي
پني ٿو.

* * *

افسوس
جڙيل مقدر
اسان جي قوم جو،
تڏيل
ڏڪاريل،
رولو، ڌاريو،
بهاري
ٿوڙي ٿو.

* * *

## بيهوشيءَ کان اڳ

جناح اسپتال جي بستري تان،
مان نہ ٿو محسوس
ڪري سگهان
تہ
ان وقت
ڇا ! ؟
محسوس ڪندس،
جڏهن،
موت جي بستر تي،
بيهوشيءَ جي حالت ۾
هوندس.
پر ! !
انهيءَ بيهوشيءَ کان
اڳ،
اي
سانوري،
مان
توتي هڪ،

ڊگھو نظم
لکڻ ٿو چاهيان،
جنهنجي شروعات
سمنڊ جي
تري کان
۽
پڇاڙي هماليہ
جي چوٽين
کان بہ
مٿي کيان !!!

* * *

ها واقعي تون !
خوش ٿي سان گڏ،
گذاري نہ ٿي سگهين ! ؟
پر،
مان تہ
غمن کي خوشي،
۽
سڏڪن کي ٽهڪ
بنائي
گذاريان ٿو،
زندگي !!!

* * *

ها
واقعي مان،
تهڪ ان ڪري ڏيندو آهيان !
تہ
جيئن
منهنجي اندر ويٺل،
سچي،
۽
زخمي
انسان جون،
دانهون، ڪُوڪُون
۽
سڏڪا ، هن دنيا جا
بيحس
انسان ٻڌي
نہ سگهن !!

* * *

مان !
واقعي فولاد آهيان،
پر !
اي چري !!
توکي کهڙي
خبر
تہ جڏهن،
فولاد کي
چوگرد باهہ
وڪوڙيندي
آهي.
تڏهن هو
پگھر جي،
پنهنجي
هستي
وڃائي
ويهندو آهي !!!

* * *

مان هاڻي
ڪڏهن به
توکي
اهڙو موقعو نه،
ڏيندس
جو تون،
منهنجي آڏو اچي،
پيهر،
ڪوڙ ڳالهائين،
ڇو ته !
هاڻي مان تنهنجي فريب،
۽
ڪوڙ کي
سمجهي ورتو آ،
مان، وڃان ٿو.
تو کان دور
تنهنجي فريب ۽ ڪوڙ کان
دور
ڪنهن معصوم سچ جي تلاش ۾.

* * *

ها مان واقعي،
خاموش
رهيس.
پر !
تون ئي
ٻڌاءِ !!
جڏهن
سوچ جا،
سمورا حواس
تون
پنهنجي قبضي
۾
کيا
تہ پوءِ
ڪٿان آڻيان مان لفظ !!
پنهنجي
خاموشي دور ڪرڻ لاءِ !!!

* * *

## ٺڪايل چڪور

مان !
جڏهن ٻہ پنهنجي
جسم جي سموري،
توانائي سان،
ڪيو آهي پرواز،
تہ
تنهنجي طرف،
۽ مان چاٺان ٿو.
تہ،
هڪ ڏينهن هي زمانو،
تو کي مون کان،
کسي وٺندو،
ڪنهن،
ٻکايل باز وانگي،
ياد رکجان
تنهن ڏينهن مان !!
اچي پٽ تي ڪرندس.
ڪنهن ٿڪايل،
چڪور جيئان.

ها واقعي مان،
تنهنجي لنبي جدائيءَ
جو ٻڌي
ڪليو هيم !
ماٺهن جي اڱيان.
پر !
اڌرات جو،
پنهنجي
بستر جي قاتل
رليءَ ۾،
منهن لڪائي،
رنو هيم.

* * *

سوچ منهنجيءَ ۾ سمايل
تون،
مان وساريل تو کان صفا،
او سانوري !
تون ڪيئن ٿي رهين مون کان جدا،
تو سوا ٿي ويندس فنا.

* * *

تون تہ،
بي وفائيءَ جي سيني،
رستن کان،
مون کي
واقف ڪري،
اتي ئي ڇڏي وئين‌ءَ.
۽ مان !
انهن جي سهاري.
ڳولهي ورتي سچائي.

* * *

تون تہ حقيقت ٻڌڻ کان اڳ ئي،
نفرت جو اظهار ڪري ڇڏيو.
۽ مان
تو کي پنهنجي سچائيءَ جو،
ڪن خوبصورت لفظن ۾،
ثبوت نہ ڏئي سگهيو هيم،
۽ نہ ئي،
پاڻ کي تنهنجي نفرت کان بچائي سگهيو هيم،
تو کي شايد ڪن خوبصورت لفظن
جي ضرورت هئي.
۽ مان،
اهي خوبصورت لفظ،
ڪٿان آڻيان !؟
جن سان پنهنجي سچائي
ظاهر ڪري سگهان،
۽ توکي حاصل ڪري سگهان،
پر ....
تون سچائيءَ جي نہ،
منگهڙت لفظن جي ڳولها ۾ آهين.
پوءِ ڇو نہ اهي لفظ،

ڪنهن وحشي درندي جي،
زبان مان نڪرن،
۽ هو ٽوڪي،
لفظن جي زنجير ۾ قيد ڪري،
اذيت جي زندگي ڏئي،
شايد پوءِ ئي ٽوڪي،
منهنجي سچائيءَ جو احساس ٿئي،
۽ پوءِ تون،
منهنجي طرف اچين.
پر تيستائين تہ مان،
پاڳل ٿي چڪو هوندس.
تنهنجي نفرت کي دور ڪرڻ لاءِ،
خوبصورت لفظن جي ڳولها ۾ !!!

* * *

## وائي

پهر پهر ۾،
سازش پئي ٿي سٽجي.

سنڌڙي تنهنجي،
نگر نگر ۾،
سازش پئي ٿي سٽجي.

انسان! تو لئہ،
مسجد مندر ۾،
سازش پئي ٿي سٽجي.

اونڌهہ آڻڻ،
لاءِ سحر ۾،
سازش پئي ٿي سٽجي.

تنهنجي خلاف ئي،
تنهنجي گهر ۾،
سازش پئي ٿي سٽجي.

روح پکيءَ لاءِ،
"امجد" اندر ۾،
سازش پئي ٿي سٽجي.

تون پاڻ لڪي ھلجان
تون پاڻ ڍڪي ھلجان
ماڻھن ۾ منظر جي،
نظر لڳي ويند ئي.

تو اھڙي سونھن رکي،
تو اھڙي سونھن ڪئي،
قسم آ تو کي گھر جي،
نظر لڳي ويند ئي.

آئيني جي سامھون،
پنھنجي ئي اندر جي،
نظر لڳي ويند ئي.

شرميليءَ کي چئجان
شرميليءَ کي ڏسجان،
شرمائڻ تي ”امجد“
پڳوان ۾ مندر جي،
نظر لڳي ويند ئي.

# نکور غزل

سجو چين ماري وڏو ظلم ڪيوسين.
اوهان ڏی نهاري وڏو ظلم ڪيوسين.

نہ سوچيو نہ سمجهو اسان دل جي مسجد،
پر ڪافر وهاري وڏو ظلم ڪيوسين.

اوهان جي سهاري نہ خود کي چڏيون ها،
هجون ها ڪناري وڏو ظلم ڪيوسين.

ڪٿي پيار لائق هيو نانءُ تنهنجو،
اچارڻ نہ لائق هيو نانءُ تنهنجو،
انهيءَ کي اچاري وڏيو ظلمز ڪيوسين.

هيا ڪيڏا ماٺهو اسان سان سفر پر،
ٻٽن کي پڪاري وڏو ظلم ڪيوسين.

اسان يار "امجد" هتن سان تندن کي،
اکين مان اڏاري وڏو ظلم ڪيوسين.

روشني اوندهہ چٽي پو چا ڪجي.
نيڪ ٿي پاپي پوي پو چا ڪجي.

يار ٿي قاتل پوي پو چا ڪجي.
پيار ٿي پرزا پوي پو چا ڪجي.

ناهي ونٺو پل ڏئي محبوب پيي.
درد هڪڙو دل چوي پو چا ڪجي.

مون کي پرڇائي سمهاري پاڻ ئي،
ياد جي سڏڪا ڀري پو چا ڪجي.

خود شفائي ڳل لڳي ڪنهن مرض کي،
گهاوَ جي گهرا ڏئي پو چا ڪجي.

ڪيس کهڙا ڏرتتيءَ جا مان لڪان،
باهہ پاٽيءَ سان ٻري پو چا ڪجي.

جي منجهن منيون تہ "امجد" پل منجهن،
پر خداً متيون ڪسي پو چا ڪجي.

مير هڪ دفعو جي ايندو ا پرين.
پو ڪڏهن دل مان نہ ويندو آ پرين.

ڪيترو پل ڏوئجي ملجي ڪٽي،
ڪوئلو پورو نہ ٿيندو آ پرين.

ويس ڪهڙا پي پلا پهري اچي،
درد پو پي درد ڏيندو آ پرين.

ها اڪيلو پيار هڪڙو ڪي ئي لک،
نفرتون ڦاهي ٽنگيندو آ پرين.

عشق بابت چا چوان هو چين ڪي،
باز وانگي پيو جهٽيندو آ پرين.

خيال تنهنجو منهنجي ڏبري جان ڪي،
سيءَ وانگر پيو سٽيندو آ پرين.

# چنوسٽا

کهڙي شيءِ سان ڀيٽا ڏيانِ مان،
ڇا ۾ سونهن سمايان تنهنجي،
ڏاڍي سندر ٿيندي جنهن ۾،
ٿوري مرڪ مِلايان تنهنجي.

---

سوچ منهنجي ڪي ڪٿانِ هو هٿ چڙهن،
ٿهڪ تنهنجا ٿيو هوا ۾ گم وڃن،
مان ڏسڻ ٿو چاهيان مونِ ڪي ڏسي،
نيڻ تنهنجا ٿا ڪجي هڪِدم جهڪن،
تون گلن جي وچ ۾ ويهين ٿي ڇري،
مست ٿي سارا ڀنور تو تي ڦرن.

---

اڇو پائي جوڙو جي ٻاهر اچين ٿي.
تون رابيلِ گل ڪان ـ به سهڻي لڳين ٿي.
اندر جي تون ڪيڏي نہ مغرور آهين.
ڏسي مون کي ٻيهر نہ ديدون ڪڍين ٿي.
وڏيون گفتيون اعزاز مون لئہ هيون جي،
چپن ۾ سي مرڪون ڀِيڪوڙي ڇڏين، ٿي.

# ڪومل جذبن جو شاعر امجد دراني



امجد دراني، جو والد هن جي ننڍپڻ ۾ گذاري ويو ۽ هن پالڪپڻي جي دور ۾ ئي پاڻ سنڀاليو. هو آرٽسٽ شوٽنگ والي بال جو سٺو رانديگر ۽ پنهنجي گهر سامهون ڊويزن ليول جون وڏيون شاندار ٽورناميٽون لڳرائيندي نظر آيو هو ڪرڪيٽ راند جو به سٺو پليئر هيو. انهي سان گڏ ٿوري ئي وقت ۾ ترقي پسند شاعر ڪالم نويس سماجي ورڪر ۽ انسان دوست صلاحيتن وارو نوجوان ٿي معاشري اڳيان اڀريو. امجد دراني پنهنجي ذات ۾ خود هڪ ڪتاب آهي. هو دوستن جو دوست نيڪ نيت ۽ خوبصورت ڪومل جذبن وارو عملي انسان آهي هن جي شاعري مزاحمتي ۽ عشقيه آهي جنهن ۾ هن معاشري جا حقيقي عڪس چٽيا آهن مون کي اميد آهي ته هو سنڌي ادب ۾ وڏو نانءُ پيدا ڪندو.

**سيد شاڪر علي شاهه**

20 October 2001

حق موجود هائوس

محله بچل شاهه خيرپور.

اوندهه جو موت (شعري مجموعو) امجد دراني

سنڌي ادبي سنگت سنڌ ضلع خيرپور.

*Design: Syed Fida Sagar Gillani*

# پڙهندڙ نسُل . پ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين "اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دور جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڇوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٺاندڙ وڏِ ڪان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليڳگَن، چپائيندڙن ۽ چاپيندڙن ڪي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ ڪي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ ڪي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ ڪي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني ڪي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَمر- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻجاڻائي ڪي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)